رسالو نمبر: 96

سنڌي ترجمو

# وسوسا ۽ انھن جو علاج



شيخ طريقت، امير اھلسنت، باني دعوت اسلامي، حضرت علامه مولانا ابو بلال

محمد الياس عطار قادري رضوي دامت برکاتهم العاليه

مدني چينل ڏسندا رھو

مكتبة المدينه (دعوت اسلامي)

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيۡكَ يَا رَسُوۡلَ اللّٰهِ

هي رسالو ”**وسوسا ۽ ان جو علاج**“ شيخ طريقت، امير اهسلنت، باني ۽ دعوت اسلامي، حضرت علامہ **مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي** دامت برکاتهم العاليه جو اُردو زبان ۾ تحرير ٿيل آهي .

**مجلس تراجم** (دعوت اسلامي) هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمو ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي تہ **مجلس تراجم** (دعوت اسلامي) کي آگاهہ ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


رابطي جي لاءِ: مڪتب مجلس تراجم (دعوت اسلامي)

عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران

پراڻي سبزي منڊي باب المدينہ ڪراچي

﴿ فون نمبر: 021-4921389-90-91 ﴾

E-mail.majlistarajim@dawateislami.net

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

# وسوسا ۽ ان جو علاج

شيطان ڪيتري بہ سستي ڏياري پر هي رسالو مڪمل پڙهي وٺو ان شاءَ الله عَزَّوَجَلَّ وسوسن جي تباهہ ڪارين ڪان حفاظت ٿيندي.

## دعاءِ قنوت کان پوءِ درود شريف پڙهڻ بهتر

حضرت سيدنا ابو حَلِيمہ مُعاذ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ (دعاءِ) "قُنُوت" ۾ سرڪار عالي وقار، مديني جي تاجدار صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي درود پڙهندا هئا. (فَضلُ الصَّلاة علي النّبي للقاضي الجَهضَمي ص 87 رقم 89) دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 1250 صفحن تي مشتمل ڪتاب "بہارِ شریعت" جلد پهريون صفحي 655 تي صَدرُ الشّرِيعَہ بَدرُ الطّرِيقَہ حضرت علامہ مولانا مفتي امجد علي اعظمي عَلَيْهِ رَحمَةُ القَوِي فرمائن ٿا: (نماز وتر جي ٽئين رڪعت ۾) دعاءِ قُنُوت ڪان پوءِ درود شريف پڙهڻ بهتر آهي.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## وَسوَسي جي لفظي معنيٰ

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** "وَسوَسي" جي لغوي معنيٰ آهي: "هلڪو آواز" شريعت ۾ بُرن خيالن ۽ بُري سوچ کي وَسوَسو چيو ويندو آهي (اشعہ ج 1 ص 300) تفسيرِ بَغَوِي ۾ آهي: وسوسو ان ڳالهہ کي چئبو آهي جيڪو شيطان انسان جي دل ۾ داخل ڪندو

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم : جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي.

آهي (تفسير بغوي ج 2،4 ص 518، 127) عام طور تي ”وسوسا“ هر هڪ ڪي ايندا آهن، ڪنهن کي گهٽ تہ ڪنهن کي گهڻا، ڪجهہ ماڻهو وڏيڪ حَسّاس هجڻ سبب ”وسوسن“ جي باري ۾ سوچي سوچي انهن کي پاڻ تي مُسَلَّط ڪندا آهن، پوءِ پاڻ ئي تڪليف ۾ اچي ويندا آهن! جيڪڏهن وسوسن تي غور نہ ڪيو وڃي تہ عموماً پاڻ ئي ختم ٿي ويندا آهن، جيئن وسوسا اچڻ شروع ٿين تہ ذڪر الله مثلاً الله الله ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيو ان شاءَ الله عَزَّوَجَلَّ شيطان ڀڄي ويندو، مسلمان جيترو ربُّ العالمين عَزَّوَجَلَّ جي اطاعت ۾ اڳتي وڌندو آهي، اوترو شيطان جي مخالفت ۽ عداوت بہ وڌي ويندي آهي ۽ اهو طرح طرح جي مَڪر، فريب (۽ دوکي) جا ڄار وڇائيندو ويندو آهي ۽ ان کي الله عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي پياري رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سنت سان روڪڻ جي پوري ڪوشش ڪندو آهي ۽ طرح طرح جا وسوسا ڏئي، بُرا خيال ذهن ۾ آڻي پريشان ڪندو رهندو آهي، ايستائين جو ڪڏهن ڪڏهن جهالت جي ڪري ماڻهو انهن وسوسن جو شڪار ٿي نيڪي ۽ ڀلائي جي ڪمن کان رُڪجي ويندو آهي ۽ ائين شيطان پنهنجي مقصد ۾ ڪامياب ٿي ويندو آهي، الله عَزَّوَجَلَّ قرآن مجيد جي سيپاري 18 ۾ سورةُ المُؤمِنُون آيت نمبر 97،98 ۾ پنهنجي پياري محبوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان ارشاد فرمايو:

وَقُلْ رَّبِّ اَعُوْذُ بِكَ مِنْ هَمَزٰتِ الشَّيٰطِيْنِ ﴿۹۷﴾ وَ اَعُوْذُ بِكَ رَبِّ اَنْ يَّحْضُرُوْنِ ﴿۹۸﴾

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہ وسلم : جنهن مون تي ڏهه ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي سؤ رحمتون موڪليندو آهي.

**ترجمو ڪنزالايمان:** ۽ تون عرض ڪر اي منهنجا رب تنهنجي پناهه ٿو گهران شيطانن جي وسوسن کان، ۽ اي منهنجا رب تنهنجي پناهه ٿو گهران جو اهي مون وٽ اچن۔

نہ وسوسے آئیں نہ کبھی گندے خیالات
ہو ذِہن کا اور دل کا عطا قفلِ مدینہ

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## هر هڪ سان هڪ فرشتو ۽ هڪ شيطان هوندو آهي

دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مكتبة المدينہ جي شايع ٿيل 344 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”منہاج العابدین“ صفحي 79 کان 80 تي حُجَّةُالاسلام حضرت سيّدنا امام محمد بن محمد غزالي علیہ رحمۃ اللہ الوالي جي فرمان جو خلاصو آهي: الله عَزَّوَجَلَّ هر انسان جي دل تي هڪ فرشتو مُقَرّر فرمايو آهي جيڪو ان کي نيڪي جي دعوت ڏيندو آهي، ان فِرشتي کي مُلْهِم ۽ ان دعوت کي **اِلهَام** چوندا آهن، ان جي مقابلي ۾ الله عَزَّوَجَلَّ جي طرفان هڪ شيطان مُسَلّط ڪيو ويو آهي، جيڪو بُرائي جي دعوت ڏيندو آهي، ان شيطان کي وَسوَاس ۽ ان دعوت کي وسوسو چوندا آهن، سيدنا امام محمد بن محمد غزالي علیہ رحمۃ اللہ الوالي وڌيڪ فرمائن ٿا: ”اگرچہ اڪثر علماءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللهُ السَّلَام جي اها راءِ آهي تہ فرشتو انسان کي نيڪين ڏانهن سڏ ڪندو آهي ۽ شيطان صرف برائي ڏانهن.“ پر منهنجي شيخ رَحْمَةُ اللهِ تعالیٰ عَلَيْهِ فرمايو: شيطان ڪڏهن ڪڏهن بظاهر نيڪي جي

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم: جنهن مون تي ڏينهن ۾ پنجاهه ڀيرا درود پاڪ پڙهيو قيامت جي ڏينهن مان ان سان مصافحو ڪندس.

دعوت ڏئي ڪري بہ برائي جي طرف لڳائي ڇڏيندو آهي ۽ اهڙي طرح هو وڏي نيڪي بدران ننڍي نيڪي جي طرف سڏ ڪندو آهي جنهن سان هڪ وڏي گناهه ڪرڻ جو نقصان نيڪي جي ثواب کان وڌيڪ ٿئي، جيئن عُجُب (يعني خود پسندي) وغيره .

سرورِ دیں لیجے اپنے ناتوانوں کی خبر
نفس و شیطاں سیّدا کب تک دباتے جائیں گے

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## همزاد ڇا کي چون ٿا

مِرقَاة ۽ اَشِعَّةُ اللَّمعَات ۾ آهي جيئن ئي ڪنهن انسان جو ٻار پيدا ٿيندو آهي انهي وقت اِبليس وٽ بہ ٻار پيدا ٿيندو آهي جنهن کي فارسي ۾ **هَمزَاد** ۽ عربي ۾ **وَسوَاس** چوند آهن .

(اشعة اللمعات ج 1 ص 87، مرقاة ج 1 ص 244، مرأة ج 1 ص 83)

## آقا جن جو همزاد مسلمان ٿي ويو

حضرت سيّدنا عبدالله بن مسعود رضی اللہ تعالٰی عنہ کان روايت آهي تہ مدني تاجدار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو تہ توهان ۾ ڪو اهڙو ناهي جنهن تي هڪ ساٿي جن (شيطان) ۽ هڪ ساٿي فرشتو مقرر نہ هجي، ماڻهن عرض ڪيو: يارسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڇا اوهان تي بہ؟ ارشاد فرمايائون: مون تي بہ، پر الله عَزَّوَجَلَّ مون کي ان تي مدد ڏني جنهن سان اهو شيطان مسلمان ٿي ويو، هاڻي هو مون کي ڀلائي جا مشورا ڏيندو آهي .

(صحيح مسلم ص1512 حديث 2814)

**فرمانِ مصطفيٰ** صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہ وسلم: **جيڪو مون تي هڪ ڀيرو درود پڙهندو آهي الله تعالي ان جي لاءِ هڪ قيراط اجر لکندو آهي ۽ هڪ قيراط احد پهاڙ جيڏو آهي.**

# سيني سان ٻه هڪ شيطان هوندو آهي

**مٺامٺا اسلامي ڀائرو!** هي ذهن ۾ رهي ته صرف سرڪار مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالَى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **جو همزاد** مسلمان ٿيو، باقي سيني جا همزاد پڪا ڪافر آهن . بهرحال اسان تي هڪ اهڙو شيطان مسلط آهي جيڪو ڪٽر ڪافر آهي ۽ اسان کي وسوسا ڏياريندو آهي ۽ هر وقت اسان جي مخالفت ۽ عداوت ۾ لڳل هوندو آهي .

مجھے نفسِ ظالم پہ کردیجئے غالب
ہو ناکام ہمزاد یا غوثِ اعظم

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

# شيطان فارغ آهي تون مشغول

دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينه جي شايع ٿيل 344 صفحن تي مشتمل ڪتاب "منہاج العابدین" صفحي 77 تي حُجَّةُ الاسلام حضرت سيّدنا امام محمد بن محمد غزالي عليہ رحمۃ اللہ الوالي حضرت سيدنا يحيٰ بن معاذ رازي عَلَيْهِ رَحمَةُ اللهِ الهَادِي جو قول نقل ڪندي فرمائن ٿا: "شيطان فارغ آهي ۽ تون مشغول، اهو توکي ڏسندو آهي پر تون ان کي نٿو ڏسين، تو ان کي وساريو آهي، پر ان تو کي ناهي وساريو ۽ تنهنجي اندر به شيطان جا ڪئي يار ۽ مددگار (مثلاً نفس ۽ خواهش وغيره موجود) آهن، انهي ڪري ان سان مُحَاربو (يعني لڙائي) ڪري ان کي مَغْلُوب ڪرڻ ضروري آهي، نه ته ان جي شرارتن ۽ هلاڪتن کان محفوظ نٿو رهي سگهي."

(منهاج العابدين "عربي" ص 46)

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم: جنهن مون تي ڏهه ڀيرا صبح ۽ ڏهه ڀيرا شام درود پاڪ پڙهيو ته ان کي قيامت جي ڏينهن منهنجي شفاعت ملندي.

کلیجہ شیاطیں کا تھرّا اٹھے گا
پکارو سبھی مل کے یا غوثِ اعظم

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## شيطان بدن ۾ خون جيان گردش ڪندو آهي

شيطان اسان کان ايترو ويجهو آهي جو غيب دان آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان عاليشان آهي: ”بيشڪ شيطان انسان (جي بدن) ۾ خون جيان گردش ڪري ٿو.“ (صحيح بخاري ج 1 ص 669 حديث 2038) صوفياءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللهُ السَّلام فرمائن ٿا: هن جي رستن کي بک جي ذريعي تنگ ڪيو. (ڪشف الخفاء ج 1 ص 198)

## وڌيڪ کائڻ جا 6 تشويشناڪ نقصان

جيڪي پيٽ ڀري کائن ٿا اهي غور فرمائن ته شيطان کان انهن جي جان ڪيئن ڇٽندي، حُجَّةُ الاسلام حضرت سيّدنا امام محمد بن محمد غزالي عليه رحمة الله الوالي فرمائن ٿا وڌيڪ کائڻ ۾ ڇهه برائيون آهن: ﴿1﴾ دل مان خوف خدا ختم ٿي ويندو آهي ﴿2﴾ مخلوقِ خدا تي رحمت جو جذبو يعني همدردي دل مان نڪري ويندي آهي ڇو ته اهڙو شخص هي سمجهندو آهي ته سڀ مون جيان پيٽ ڀريل آهن ﴿3﴾ عبادت ڪرڻ مشڪل ٿي ويندي آهي ﴿4﴾ وعظ ۽ نصيحت (سنتن ڀريو بيان) ٻُڌي دل ۾ نرمي پيدا نه ٿيندي آهي ﴿5﴾ جيڪڏهن پاڻ مُبَلِّغ آهي، بيان ۽ حڪمت جي ڳالهه ڪندو آهي ته ماڻهن جي دلين تي ان جو اثر نه ٿيندو آهي

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم: جيڪو مون تي هڪ ڀيرو درود پڙهندو آهي الله تعاليٰ ان جي لاءِ هڪ قيراط اجر لکندو آهي ۽ هڪ قيراط احد پهاڙ جيڏو آهي.

﴿6﴾ طرح طرح جو بيماريون پيدا ٿينديون آهن .

(ملخص از احياءُالعلوم ج 3 ص 40)

يا الٰہی بھوک کی دولت سے مالا مال کر
دو جہاں میں اپنی رحمت سے مجھے خوشحال کر

(بک جا فائدا ۽ وڌيڪ کائڻ جا نقصان جي تفصيلي معلومات جي لاءِ **فيضان سنت** جلد اول جي باب "**پيٽ جو قفل مدينہ**" جو مطالعو ڪريو)

**الله** عَزَّوَجَلَّ **جڏهن شيطان کي مَردُود قرار ڏنو تہ ان انسان سان دشمني جو اعلان ڪري ڇڏيو! ان جو قول قران مجيد سيپاري** 8 سورۃُ الاَعراف **آيت نمبر** 16 ۽ 17 ۾ **ان طرح نقل ڪيو ويو آهي:**

قَالَ فَبِمَاۤ اَغْوَیْتَنِیْ لَاَقْعُدَنَّ لَهُمْ صِرَاطَكَ الْمُسْتَقِیْمَ ﴿۱۶﴾ ثُمَّ لَاٰتِیَنَّهُمْ مِّنْۢ بَیْنِ اَیْدِیْهِمْ وَ مِنْ خَلْفِهِمْ وَ عَنْ اَیْمَانِهِمْ وَ عَنْ شَمَآىٕلِهِمْؕ وَ لَا تَجِدُ اَكْثَرَهُمْ شٰكِرِیْنَ ﴿۱۷﴾

**ترجمو ڪنزالايمان:** چيائين قسم آهي ان جو تو مون کي گمراهہ ڪيو، مان ضرور تنهنجي سڌي رستي تي انهن جي تاڙ ۾ ويهندس۔ پوءِ ضرور مان انهن وٽ ويندس انهن جي اڳيان ۽ انهن جي پٺيان ۽ انهن جي ساڄي ۽ انهن جي کاٻي طرف کان تون انهن مان گهڻن کي شڪرگذار نہ ڏسندين

محبوبِ خدا سر پہ اجل آ کے کھڑی ہے
شیطان سے عطار کا ایمان بچالو

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## وسوسن جا جدا جدا انداز

**مٺامٺا اسلامي ڀائرو!** شيطان تہ ان جي دشمني کان بہ باز ناهي ايندو جيڪي ان سان عَداوت ناهن رکندا ۽ ان جي مخالفت بہ

فرمانِ مصطفيٰ صلى الله تعالیٰ عليه واله وسلم :جڏهن توهان مرسلين (عليهم السلام) تي درود شريف پڙهو تہ مونِ تي بہ پڙهو بيشڪ آءُ سيني جهانن جي ربّ جو رسول آهيان .

ناهن ڪندا، بلڪ ان جا پڪا دوست آهن ۽ ان مردود جي اطاعت ڪندا آهن، جيئن ڪافر گمراه ۽ فاسق و فاجر ماڻهو، تہ جڏهن هي پنهنجي ”دوستن“ کي بہ ناهي ڇڏيندو ۽ انهن کي بہ وسوسا ڏئي تباهي ۽ بربادي ۾ ڌڪيندو رهندو آهي، تہ پوءِ انهن عالم دين ۽ سنتن جي مُبَلِّغِين ڪَثَّرَهُمُ اللهُ الْمُبِين (يعني الله عَزَّوَجَلَّ اهڙن جي ڪثرت ڪري) کان هن جي عداوت جو ڪهڙو حال هوندو جيڪي هر وقت ان جي مخالفت ڪندا، مسلمانن کي هن جي داءُ پيچ (يعني حيلن) کان با خبر رکن ٿا، ۽ ائين هن کي ڪاوڙائي ۽ هن جي گمراه ڪندڙ منصوبن کي خاڪ ۾ ملائڻ ۾ مصروف رهن ٿا . بس ان وسوسن کان الله عَزَّوَجَلَّ جي پناه گهرڻ گهرجي ڇو تہ هي مردود شيطان تمام مڪار ۽ چالاڪ آهي هر هڪ کي ان جي نفسيات جي مطابق وسوسن جو شڪار ڪندو آهي جيئن مُفَسِّر شَهِير حڪيم الامت مفتي احمد يار خان عَلَيهِ رَحمَةُ الحَنّان فرمائن ٿا: خيال رهي شيطان عالمن کي عالمانہ وسوسن ۽ صوفين کي عاشقاڻي وسوسن سان، عوام جي دل ۾ عامياڻہ وسوسا وجهندو آهي (يعني) ”جهڙو شڪار تهڙو ڄار“ ڪئي پيرا (گناهن کي ائين سينگاري پيش ڪندو آهي تہ) انسان گناه کي عبادت سمجهندو آهي! (مراٰة ج 1 ص 87) ڪڏهن ڪڏهن شيطان پنهنجو پاڻ کي ”خدا“ چئي ڪري بہ سامهون ايندو آهي ۽ گمراه ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي، جيئن اسان جي پير و مرشد شهنشاهِ بغداد، حضور

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تعالىٰ عليه واٰله وسلم : توهان جتي بہ هجو مون تي درود پڙهو توهان جو درود مون وٽ پهچندو آهي.

غوثِ اعظم سيّدنا شيخ عبدالقادر جيلاني قُدِّسَ سِرُّہُ الرَّبَّانِي وٽ آيو هو.

سُن لو شیطاں نے ہر طرف ہر سُو

خوب پھیلا کے جال رکھا ہے

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## اللهعَزَّوَجَلَّ جي باري ۾ وسوسا

اسان جي پياري آقاء مديني وارا مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان عالي شان آهي: توهان مان ڪنهن وٽ شيطان ايندو آهي تہ ان کي چوندو آهي فلان شيء ڪنهن پيدا ڪئي؟ فلان ڪنهن؟ ايستائين چوندو آهي توهان جي رب عَزَّوَجَلَّ کي ڪنهن پيدا ڪيو؟ جڏهن هن حد تائين پهچي تہ ''اَعُوْذُ بِالله'' پڙهو ۽ ان کان بچو. (صحيح بخاري ج 2 ص 399 حديث 3276)

## هر سوال جو جواب ناهي ڏنو ويندو

مُفَسِّر شَهِير حڪيم الامت مفتي احمد يار خان عَلَيهِ رَحمَةُ الحَنّان هن حديث تحت فرمائن ٿا: يعني هن جو جواب سوچڻ جي ڪوشش بہ نہ ڪيو، نہ تہ شيطان سوال تي سوال ڪندو، اَعُوْذُ بِالله پڙهي هن کي ڀڄايو، هر سوال جو جواب ناهي ڏنو ويندو، رب عَزَّوَجَلَّ شيطان جي سجدي نہ ڪرڻ جو جواب نہ ڏنو، بلڪ فرمايو: فَاخْرُجْ مِنْهَا (يعني تون جنت مان نڪري وڃ. (پ 14 الحجر 34) خيال رهي اَعُوْذُ بِاللهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْم پڙهڻ شيطان ڀڄائڻ جي لاءِ فائديمند آهي.

(مرأة ج1 ص 82)

فرمانِ مصطفيٰ صلى الله تعالى عليه واله وسلم : مون تي درود شريف جي ڪثرت ڪريو بيشڪ هي توهان جي لاءِ طهارت (يعني پاڪائي) آهي.

نفس و شیطاں کی شرارت دُور ہو
یہ کرم یا مصطفٰے فرمایئے

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

# وسوسي جو قراني علاج

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** خبر پئي جڏهن به وسوسو اچي "اَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْم " پڙهي ان کي دفع ڪجي، وسوسو اچڻ جي صورت ۾ قران پاڪ ۾ به الله عَزَّوَجَلَّ جي پناهه وٺڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي جيئن سيپاري 9 سورة الاعراف آيت نمبر 200 ۾ ارشاد آهي:

وَاِمَّا يَنْزَغَنَّكَ مِنَ الشَّيْطٰنِ نَزْغٌ فَاسْتَعِذْ بِاللّٰهِ ؕ اِنَّهٗ سَمِيْعٌ عَلِيْمٌ ﴿۲۰۰﴾

**ترجمو ڪنزالايمان:** ۽ اي ٻڌندڙ جيڪڏهن شيطان تو کي چنگ ڏي ته تون الله جي پناهه گهر بيشڪ اهو ئي ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهي.

مجھ کو دیدے پناہ شیطاں سے
اِس سے ایماں مرا بچا یا رب

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

# امام رازي ۽ شيطان

دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينه جي شايع ٿيل 502 صفحن تي مشتمل ڪتاب "ملفوظات اعلیٰ حضرت" صفحي 493 کان 494 تي آهي: (حضرت سيدنا) امام فخرالدّين رازي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْهَادِي جي نزع جو وقت جڏهن ويجهو آيو ته شيطان وٽس آيو، ان وقت شيطان پوري ڪوشش ڪندو آهي ته ڪيئن به هن (شخص)

فرمانِ مصطفيٰ صلى الله تعالىٰ عليه واله وسلم : جنهن ڪتاب ۾ مون تي درود شريف لکيو ته جيستائين منهنجو نالو ان ڪتاب ۾ لکيل رهندو فرشتا ان جي لاءِ استغفار ڪندا رهندا.

جو ايمان سلب ٿي وڃي (يعني ايمان ڪسيو وڃي ته) جيڪڏهن ان وقت (اهو ٻانهو ايمان تان) ڦري ويو ته پوءِ ڪڏهن به نه موٽندو، ان (يعني شيطان) ان کان پڇا ڪئي توهان تمام عمر مناظرن، مباحثن ۾ گذاري آ، ڇا خدا عَزَّوَجَلَّ ڪي به سڃاتو؟ پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ تعالیٰ عَلَيۡهِ فرمايو: بيشڪ خدا عَزَّوَجَلَّ هڪ آهي ان (يعني شيطان) چيو: ان تي ڪهڙو دليل آهي؟ پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ تعالیٰ عَلَيۡهِ هڪ دليل ڏنو، اهو (يعني شيطان) خبيث مُعَلِّمُ الۡمَلَكُوت (يعني فرشتن کي تعليم ڏيندڙ استاد) رهي چڪو هو، ان اهو دليل ٽوڙيو، انهن ٻيو دليل ڏنو، ان اهو دليل به ٽوڙيو، ايستائين ٽي سؤ سٺ (360) دليل حضرت (سيدنا امام فخرالدين رازي) قائم ڪيا، ان اهي سڀ دليل رد ڪيا، هاڻي هي (يعني سيدنا امام فخرالدين رازي) سخت پريشاني ۾ ۽ نهايت مايوس هئا، پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ تعالیٰ عَلَيۡهِ جا پير حضرت سيدنا شيخ نجم الدين ڪبريٰ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ ڪنهن ٻئي مقام تي وضو فرمائي رهيا هئا، اتان پاڻ (يعني پير و مرشد) (امام رازي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللهِ الۡهَادِي) کي آواز ڏنو: ”چو نٿا چئو ته مان خدا عَزَّوَجَلَّ کي بنا دليل جي هڪ مڃان ٿو“

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ڏٺو توهان شيطان ڪهڙي ڪهڙي انداز سان وار ڪندو آهي! جيڪڏهن ان ڳالهه تي ڌيان ڏنو وڃي ته پوءِ هي پويان پئجي ويندو آهي. هن کي نو لِفٽ ڪرڻ ۽ هن جي وسوسن ڏانهن توجهه نه ڪرڻ به وسوسن جو علاج آهي ۽ الله عَزَّوَجَلَّ کان هر گهڙي شيطان جي شرارتن کان پناهه گهرڻ گهرجي، ۽ هي به خبر پئي ته ڪنهن ڪامل پير جو مريد ٿيڻ گهرجي،

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم : مون تي ڪثرت سان درود شريف پڙهو بيشڪ توهان جو مون تي درودشريف پڙهڻ توهان جي گناهن جي لاءِ مغفرت آهي.

مرشد جو توجهه به شيطاني وسوسن کي دفع ڪندو آهي .

ہے عطار کو سَلبِ ایماں کا دھڑکا
بچا اِس کا ایماں بچا غوثِ اعظم

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## تقدير جي باري ۾ وسوسا

شيطان تقدير جي معاملن ۾ به دل ۾ وسوسا وجهندو رهندو آهي، مثلاً جيڪو ڪجهه تقدير ۾ لکيل آهي اسان ان جا پابند آهيون، تقدير جي آڏو مجبور (محض) آهيون، اسان ته اهو ئي ڪندا آهيون جيڪو تقدير ۾ لکيل آهي، پوءِ قبر ۽ جهنم جون سزائون ڇو؟ وغيره وغيره . يقيناً هي به شيطان جو دوکو آهي، هن معاملي ۾ سوچيو به نه، نه ته شيطان گمراهه ڪندو، بس ”اَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْم“ پڙهي ان مردود شيطان کي ڀڄائي ڇڏيو.

## جيڪو جيئن ڪرڻ وارو هو ائين لکيو ويو

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ياد رکو! جيڪو جيئن ڪرڻ وارو هو اللهعَزَّوَجَلَّ ان کي پنهنجي علم سان ڄاڻي، ان جي لاءِ اهو لکي ڇڏيو، انعَزَّوَجَلَّ جي ڄاڻڻ ۽ لکڻ ڪنهن کي مجبور نه ڪيو . هن ڳالهه کي آسان مثال سان سمجهڻ جي ڪوشش ڪيو جيئن اڄڪلهه قانون مطابق غذائن ۽ دوائن جي پيڪيٽن تي Exp Date لکي ويندي آهي، بار به هي ڳالهه سمجهي سگهي ٿو ته ڪمپني وارن کي تجربو آهي ته هي شيءِ فلان تاريخ تائين خراب ٿي

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم : جيڪو مون تي جمعي جي ڏينهن درود شريف پڙهندو آءُ قيامت جي ڏينهن ان جي شفاعت ڪندس.

ويندي، ان لاءِ لکندا آهن، يقيناً ڪمپني جي Exp Date لکڻ ان شيءِ کي خراب ٿيڻ تي مجبور نہ ڪيو، اهي جيڪڏهن نہ لکن هئا تہ تڏهن بہ انهي شيءِ کي پنهنجي مدت تي خراب ٿيڻو ئي هو.

## تقدير جي باري ۾ هڪ اهم فتويٰ

هن ضمن ۾ دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبةالمدينہ جي شايع ٿيل 692 صفحن تي مشتمل ڪتاب "کفریہ کلمات کے بارے میں سوال جواب" صفحي 583 تا 585 تي آهي: فتاويٰ رضويہ جلد 29 صفحي 284 تا 285 مان هڪ سوال جواب پيش ڪيو وڃي ٿو.

**سوال:** زيد چوي ٿو جيڪو ٿيو ۽ ٿيندو سڀ خدا جي حڪم سان ٿيو ۽ ٿيندو، پوءِ ٻانهي جي پڪڙ ڇو آهي ان کي سزا جو حقدار ڇو قرار ڏنو ويو؟ ان اهڙو ڪهڙو ڪم ڪيو جو عذاب جو مستحق ٿيو؟ جيڪو ڪجهہ (يعني اللهعَزَّوَجَلَّ) تقدير ۾ لکي ڇڏيو اهو ئي ٿيندو آهي ڇوتہ قران پاڪ مان ثابت آهي بنا حڪم ان جي هڪ ذرو بہ ناهي هلندو، پوءِ ٻانهو اهڙو ڪهڙو ڪم پنهنجي اختيار سان ڪيو جو دوزخي ٿيو يا ڪافر يا فاسق جيڪي برا ڪم تقدير ۾ لکيل آهن تہ اهو برا ڪم ڪندو ۽ سنا لکيل آهن تہ سنا. بهرحال تقدير جي تابع آهي پوءِ ان کي مجرم ڇو پيو ڪيو وڃي؟ چوري ڪرڻ، زنا ڪرڻ، قتل ڪرڻ وغيره وغيره جيڪي ان جي تقدير ۾ لکيا ويا ان کي اهي ئي ڪم ڪرڻ آهن ائين ئي نيڪ ڪم ڪرڻا آهن. **جواب:** زيد گمراهہ

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم : جنهن مون تي جمعه جي ڏينهن ٻه سؤ ڀيرا درود پاڪ پڙهيو ان جا ٻه سؤ سالن جا گناهه معاف ڪيا ويندا.

بي دين آهي، ان کي ڪو جوتو هڻي ته ناراض ڇو ٿو ٿئي؟ هي ٻه تقدير ۾ هو، ان جو ڪو مال کسي ته ڪاوڙ ڇو ٿو ڪري؟ هي به تقدير ۾ هو، هي شيطاني فعلن جو دوڪو آهي ته جيڪو لکيل آهي اسان کي اهو ئي ڪرڻو پوي ٿو (حالانڪه هرگز ائين ناهي) بلڪ اسان جيڪو ڪرڻ وارا هئاسين ان (يعني الله عَزَّوَجَلَّ) پنهنجي علم سان ڄاڻي اهو ئي لکيو آهي.“

صَدرُالشّرِيعَه، بَدرُالطّرِيقَه، حضرت مولانا امجد علي اعظمي عَلَيهِ رَحمَةُ القَوِي دعوت اسلامي جي مکتبة المدينه جي شايع ٿيل ڪتاب ”بهارِ شريعت“ جلد پهريون، صفحي 24 تي فرمائن ٿا: برا ڪم ڪري تقدير جي طرف نسبت ڪرڻ ۽ مَشِيَّتِ الٰهي جي حوالي ڪرڻ تمام خراب ڳالهه آهي، بلڪ حڪم هي آهي جيڪو سٺا ڪم ڪري ان کي مِنْجَانِبِ الله (يعني الله عَزَّوَجَلَّ جي طرفان) ڄاڻي ۽ جيڪا برائي سرزَد ٿئي ان کي نفس جي نَحُوست تَصوُّر ڪري.“

## تقدير جي باري ۾ وسوسي جو هڪ بهترين علاج

دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مکتبة المدينه جي شايع ٿيل 344 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”منهاج العابدين“ صفحي 86 کان 87 تي حُجَّةُ الاسلام حضرت سيّدنا امام محمد بن محمد غزالي عليه رحمة الله الوالي جيڪو ڪجهه بيان ڪيو آهي ان جو خلاصو هي آهي: ابليس ڪڏهن ڪڏهن وسوسا وجهي ائين به گمراهه ڪندو آهي ته انسان جي نيڪ ۽ بد هجڻ بابت روزِ اَزل فيصلو ٿي چڪو

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰه تعالیٰ علیه واٰله وسلَّم : جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درود شريف نہ پڙهي تہ ان جفا ڪئي.

آهي، جيڪو انهي ڏينهن بُرن مان ٿيو تہ اهو برو ئي رهندو ۽ جيڪو سٺن مان ٿيو تہ اهو سٺو ئي رهندو، توهان جي نيڪ ۽ برن عملن مان اَزلي فيصلي تي ڪو فرق نہ پوندو، اللّٰه تعالىٰ ٻانهي کي هنن شيطاني وسوسن کان بچائي ۽ ابليس لَعِين کي ائين جواب ڏئي تہ ”مان اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جو ٻانهو آهيان ۽ ٻانهي جو ڪم آهي پنهنجي موليٰ جي حڪم جي پيروي ڪرڻ، اللّٰه تعالىٰ جيئن تہ ربُّ العَالمين آهي انهي ڪري اهو جيڪو چاهي حڪم ڏئي ۽ جيڪو چاهي ڪري ۽ پوءِ عبادت و طاعت ڪنهن طرح بہ نقصان ده ناهي، ڇوتہ جيڪڏهن مان علمِ الٰهي ۾ سَعِيد (يعني سعادت مند) آهيان تہ پوءِ بہ وڏيڪ ثواب جو محتاج آهيان ۽ جيڪڏهن علمِ الٰهي ۾ منهنجو نالو بدبختن ۾ لکيل آهي تہ بہ نيڪ عمل ڪرڻ ڪري پنهنجو پاڻ تي هي ملامت نہ ڪندس تہ منهنجو اللّٰه اطاعت ۽ عبادت نہ ڪرڻ تي سزا ڏيندو ۽ گهٽ ۾ گهٽ اهو تہ آهي نافرمان ٻڻجي جهنم ۾ وڃڻ بدران فرمانبردار ٻڻجي وڃڻ بهتر آهي. پر هي سڀ تہ اِحتِمال (يعني انديشا) آهن، نہ تہ ان جو وعدو حق آهي ۽ ان جو ڪلام قَطَعِي سچو آهي ۽ اللّٰه تعالىٰ جڳهہ جڳهہ تي اطاعت ۽ عبادت ڪرڻ تي وڏي ثواب جا وعدا فرمايا آهن، تہ جيڪو شخص ايمان ۽ اطاعت سان (عبادت) سان ربّ جي دربار ۾ حاضر ٿيندو اهو هرگز جهنم ۾ نہ ويندو بلڪ اللّٰه تعالىٰ جي مهرباني ۽ نيڪ عملن سبب جنّتُ الفِردَوس

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم : ان شخص جو نڪ مٽيءَ ۾ ملي وڃي جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي دُرُود شريف نہ پڙهي.

۾ ان شاءَ الله عَزَّوَجَلَّ جڳهہ ماڻيندو، پر حقيقت ۾ هي داخلو بہ خدا جي واعدي سبب ٿيندو، انهيءَ سچي واعدي جو اظهار ڪندي الله تعاليٰ قرآن مجيد سيپاري 24 سورۃُ الزُمَر جي آيت نمبر 74 ۾ سعيد (يعني سعادتمند) ماڻهن جو قول نقل فرمايو آهي:

وَقَالُوا الْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِيْ صَدَقَنَا وَعْدَهٗ

**ترجمو ڪنزالايمان:** سڀ خوبيون الله جي واسطي جنهن اسان سان پنهنجو وعدو سچو ڪيو.

الله کی رَحمت سے تو جنّت ہی ملیگی
اے کاش! مَحَلّے میں جگہ اُن کے ملی ہو

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

# ايمانيات جي باري ۾ وسوسا

**مٺامٺا اسلامي ڀائرو!** ڪڏهن ڪڏهن شيطان اهڙا وسوسا وجهندو آهي جو زبان سان بيان ڪرڻ جي همت ناهي هوندي، جيئن تہ صحابہ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضوان الله عَزَّوَجَلَّ ۽ رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي اطاعت ۾ هر گهڙي مشغول رهندا هئا، انهي ڪري شيطان انهن کي وسوسن جي ذريعي خوب پريشان ڪندو هو، مسلم شريف ۾ آهي تہ ڪجهہ صحابہ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضوان مديني جي تاجدار، بيڪسن جي مددگار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي دربارِ گوهر بار ۾ عرض گذار ٿيا: اسان پنهنجي دلين ۾ اهڙا خيال (وسوسا) محسوس ڪندا آهيون ان جو بيان ڪرڻ تمام برو لڳي ٿو، هادي راهِ نجات، سَروَرِ ڪائنات، شاهِ موجودات صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

فرمانِ مصطفيٰ صلى الله تعالىٰ عليه واله وسلم : جنهن مون تي درود پڙهڻ وساري ڇڏيو اهو جنت جو رستو ڀلجي ويو.

ارشاد فرمايو: ڇا توهان اها ڳالهه محسوس ڪئي؟ عرض ڪيو: جي ها، فرمايائون: هي واضح ايمان آهي. (صحيح مسلم ص 80 حديث132)

## خطرناڪ وسوسا

بَحر و بَر جي بادشاهه، ٻنهي جهانن جي شهنشاهه، امت جي خير خواهه، بيبي آمنہ جي مهر و ماهه صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت اقدس ۾ حاضر ٿي هڪ شخص عرض ڪيو: مان پنهنجي دل ۾ اهڙا خيال محسوس ڪيان ٿو جو اهي چوڻ کان سڙي ڪوئلو ٿيڻ وڌيڪ پسند آهي. آقا صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: الله عَزَّوَجَلَّ جو شڪر آهي جنهن ان خيالن کي وسوسا بڻايو . (السنة لابي عاصم ص 157 حديث 670) مُفَسِّر شَهِير حڪيم الامت مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحمةُ الحَنّان فرمائن ٿا: يعني رب عَزَّوَجَلَّ اهڙن خيالن کي وسوسن ۾ داخل فرمايو جنهن تي ڪا پڪڙ ناهي، اهو ڪريم ٻانهي جي مجبوري ۽ مَعذوري ڄاڻي ٿو. (مرأة ج 1 ص 86)

## وسوسا معاف آهن

حضرت سيدنا ابوهريره رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ روايت فرمائن ٿا تہ سرڪار ابدِقرار، شافعِ روز شمار صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: يقيناً الله عَزَّوَجَلَّ منهنجي لاءِ منهنجي امت جي دلي خطرات (يعني وسوسن) ۾ درگذر فرمايو، جيستائين ان تي ڪم يا ڪلام نہ ڪيون .

(صحيح بخاري ج 2 ص 153 حديث 2528)

مُفَسِّر شهير حڪيم الامت مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحمةُ الحَنّان هن حديث پاڪ تحت فرمائن ٿا: برن خيالن تي پڪڙ ناهي هي ان

امت جي خصوصيت آهي، گذريل امتن تي انهيءَ ڪري (يعني وسوسا دل ۾ آڻڻ يا قصداً آڻڻ تي) بہ پڪڙ هئي . خيال رهي برا خيال بي شيءِ آهي ۽ برا ارادا بي شيءِ، برن ارادن تي پڪڙ بہ آهي ايستائين ڪفر جو ارادو بہ ڪفر آهي . (مرأة ج 1 ص 81)

## وسوسي تي پڪڙ ڪڏهن آهي

مُحَقِّق عَلَي الْاِطلاق، خاتِمُ المُحَدِّثين، حضرت علامہ شيخ عبدالحق مُحَدِّثِ دهلوي عَلَيهِ رَحمَةُ القَوِي فرمائن ٿا: جيڪي برا خيال دل ۾ بي اختيار ۽ اوچتو اچي وجن، ان کي هاجِس چوندا آهن، هي آني فاني هوندو آهي يعني آيو ۽ ويو، اهي پوئين امتن تي بہ معاف هئا ۽ اسان کي بہ معاف آهن، پر دل ۾ جيڪا باقي رهجي وڃي اهي اسان تي معاف آهن، ان امتن تي معاف نہ هئا، جيڪڏهن هن سان گڏ دل ۾ لذت ۽ خوشي پيدا ٿئي ان کي هَمّ چوندا آهن، ان تي بہ پڪڙ ناهي ۽ جيڪڏهن گڏوگڏ ڪرڻ جو بہ ارادو هجي تہ اهو عَزْم آهي ان تي پڪڙ آهي . (اشعة اللمعات ج 1 ص 85)

## وسوسن جي ڪري ايمان ناهي ويندو

وسوسا چاهي ڪيترا بہ اچن ۽ ڪيترا بہ خطرناڪ ڇو نہ هجن ان سان ايمان برباد ناهي ٿيندو! ايمانيات جي باري ۾ وسوسا اچڻ تي دل پريشان ٿيڻ ان ڳالهہ جي علامت آهي تہ دل ايمان تي مطمئن آهي سيپاري 14 سورةُالنَّحل آيت نمبر 106 ۾ ارشاد باري تعاليٰ آهي:

وَ قَلْبُهٗ مُطْمَىٕنٌّۢ بِالْاِیْمَانِ

ترجمو ڪنزالايمان: ۽ ان جي دل ايمان تي جميل هجي

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم : جنهن مون تي ڏهه ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي سؤ رحمتون موڪليندو آهي.

## وسوسن کي برو سمجهڻ عين ايمان آهي

**مٺاٽا اسلامي ڀائرو!** ايمان جي باري ۾ وسوسا اچڻ ته ايمان ڪامل هجڻ جي نشاني آهي، چور، ڌاڙيل اتي ويندا آهن جتي دولت جي گهڻائي آهي، اهڙي طرح جتي ايمان جيترو وڌيڪ مضبوط هوندو اتي شيطان ويتر وڌيڪ تنگ ڪندو، ڪنهن مسلمان جو وسوسن تي گهٻرائڻ، پريشان ٿيڻ، روئي روئي شيطان مردود کان الله عَزَّوَجَلَّ جي پناهه طلب ڪرڻ حقيقت ۾ ايماني قوت جي نشاني آهي مُفَسِّرِ شهير حڪيم الامت مفتي احمد يار خان عليہ رحمۃ الحنّان فرمائن ٿا: وسوسن کي برو سمجهڻ عين ايمان آهي. (مرأة المناجيح ج 1 ص 82)

استقامت دیجئے اسلام پر — کیجئے رحمت اے نانائے حسین
دل سے دنیا کی ہَوَس سب دور ہو — کیجئے رحمت اے نانائے حسین
نزع، قبر و حشر، میزاں ہر جگہ
کیجئے رحمت اے نانائے حسین

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## عبادت ۾ وسوسا

ايمانيات جيان عبادات ۾ به شيطان وسوسا وجهندو آهي هن معاملي ۾ اهو هڪ ناهي بلڪ ان سان هڪ مُنَظَّم جماعت آهي. مفسر شهير حڪيم الامت مفتي احمد يار خان عليہ رحمۃ الحنّان فرمائن ٿا: ذريت شيطان (يعني ابليس جو اولاد) جون مختلف جماعتون آهن، انهن جا نالا ۽ ڪم الڳ الڳ آهن، جيئن وضو ۾ ورغلائڻ

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم: جنهن مون تي ڏينهن ۾ پنجاهه ڀيرا درود پاڪ پڙهيو قيامت جي ڏينهن مان ان سان مصافحو ڪندس.

واري جماعت جو نالو **وَلَهَان** آهي ۽ نماز ۾ ورغلائڻ واري جماعت جو نالو **خِنۡزَب** آهي، ائين مسجدن ۾، بازارن ۾، شراب خانن ۾ الڳ الڳ فوجون رهن ٿيون . (مراٰة ج 1ص 85)

## 9 شيطان جا نالا ۽ ڪم

دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 1432 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”فيضانِ سنت“ جلد پهريون صفحي 40، 41 تي آهي امير المومنين، حضرت سيّدنا عمر فاروق اعظم رضی اللہ تعالیٰ عنہ فرمائن ٿا شيطان جون نَوَ اولاد آهن: 1 زَلِيتون 2 وَثِين 3 لَقُوس 4 اَعۡوَان 5 هَفَّاف 6 مُرَّة 7 مُسَوِّط 8 دَاسِم ۽ 9 وَلَهَان .

﴿1﴾ **زَلِيتُون:** بازارن ۾ مقرر آهي، ۽ اتي پنهنجو جهنڊو لڳائي رهندو آهي ﴿2﴾ **وَثِين:** هن جي ماڻهن کي اوچتي آفت ۾ مبتلا ڪرڻ جي ڊيوٽي آهي ﴿3﴾ **لَقُوس:** آتش پرستن تي مُتَعَيّن (يعني مقرر) آهي ﴿4﴾ **اعوان:** حڪمرانن سان گڏ هوندو آهي ﴿5﴾ **هَفَّاف:** شرابين سان گڏ هوندو آهي ﴿6﴾ **مُرَة:** ڳائڻ وڄائڻ وارن تي مقرر آهي ﴿7﴾ **مُسوِّط:** افواهون عام ڪرڻ جي ذميداري تي مامور آهي، ماڻهن جي زبانن تي افواهون جاري ڪندو آهي، ۽ اصل حقيقت کان ماڻهو بي خبر رهندا آهن ﴿8﴾ **دَاسِم:** گهرن ۾ ڊيوٽي ڏيندو آهي، جيڪڏهن گهروارا گهر ۾ داخل ٿي سلام نہ ڪن ۽ بِسمِ الله پڙهي قدم اندر نہ رکن تہ هي ان گهر وارن کي پاڻ ۾ وڙهائي ڇڏيندو آهي، ايستائين جو مارڪُٽ بلڪ طلاق يا

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہ وسلم: جيڪو مون تي هڪ ڀيرو درود پڙهندو آهي الله تعاليٰ ان جي لاءِ هڪ قيراط اجر لکندو آهي ۽ هڪ قيراط احد پهاڙ جيڏو آهي.

خُلَع تائين جي نوبت اچي ويندي آهي ﴿9﴾ وَلَهَان: وضو ۾ وسوسا وجهڻ تي مقرر آهي. (المنبهات ص 93)

نفس و شیطان ہوگئے غالب
ان کے چُنگل سے تُو چُھڑا یاربّ

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## مسجدن ۾ وسوسا

وسوسا وجهڻ جي شيطاني تحريڪ مسجدن ۾ وڌيڪ تيز هوندي آهي اتي موجود ڪئي مسلمانن کي دنياوي ڳالهين ۾ لڳائي ڇڏيندو آهي ڪيترن کي وڙهائي ڇڏيندو آهي بعض پوڙهن کي ڪاوڙ ڏياري شور ڪرائيندو آهي، مَعَاذَالله ڪيترن کي بد نگاهي، بد اخلاقي، غيبت ۽ چغلي وغيره وغيره گناهن ۾ ڦاسائي ڇڏيندو آهي، جن کي گناهن ۾ نہ ڦاسائي سگهيو انهن کي نيڪين جي گهٽتائي ۾ مبتلا ڪندو آهي ان جو شايد هر هڪ کي تجربو هوندو. مثلاً درس ۽ بيان جو سلسلو ٿئي پيو پر مسجد ۾ هجڻ جي باوجود ڪجھ ماڻهو شرڪت کان محروم پري ويهي لاپرواهي سان هيڏانهن هوڏانهن ڏسندا آهن، جيڪي ماڻهو مسجد ۾ حاضر ٿيڻ باوجود ياد الٰهي سان غافل ۽ علمي حلقن وغيره ۾ ڪاهل رهندا آهن اهي فتاويٰ رضويہ شريف ۾ بيان ڪيل هن حديث پاڪ کي غور سان پڙهن: حضرت سيدنا ابوهريره رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ روايت فرمائن ٿا تہ مڪي

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللہُ تعالٰی علیہ والہٖ وسلَّم: **جنهن مون تي ڏهه ڀيرا صبح ۽ ڏهه ڀيرا شام درود پاڪ پڙهيو ته ان کي قيامت جي ڏينهن منهنجي شفاعت ملندي.**

**مدني سلطان** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **ارشاد فرمايو: جڏهن توهان مان ڪو مسجد ۾ هوندو آهي شيطان اچي ان جي بدن تي هٿ ڦيريندو آهي جيئن توهان پنهنجي گهوڙي کي فرمانبردار ڪرڻ لاءِ ان تي هٿ ڦيريندا آهيو، پس جيڪڏهن اهو شخص ويٺو رهيو (يعني ان جي وسوسي کان جدا نه ٿيو) ته ان کي ٻڌي ڇڏيندو يا لگام وجهندو آهي، حضرت سيدنا ابوهريره** رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ **فرمائن ٿا ته (هن) حديث جي تصديق توهان پنهنجي اکين سان ڏسو پيا، اهو جيڪو ٻڌيل آهي ان کي توهان ڏسندؤ ائين جهڪيل آهي جو ذڪر الٰهي نه ٿو ڪري ۽ جيڪو لگام ڏنل آهي ان جو منهن کليل آهي الله تعاليٰ جو ذڪر ناهي ڪندو.**

(مسند امام احمد بن حنبل ج ص حديث 8378) (فتاويٰ رضويه ج 1 ص 771تا 772)

گندے گندے وساوِس آتے ہیں

میرے دل سے انہیں نکال آقا

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## غسل ۾ وسوسا

**غسل ۾ به شيطان شڪ پيدا ڪندو آهي مثلاً ڪڏهن وسوسو ڏيندو آهي ته شايد پُٺي خشڪ رهجي وئي، شايد مٿي جا وار صحيح نه ڌوپجيا، فلان عضوو خشڪ رهجي ويو آهي وغيره. حالانڪ ائين ناهي هوندو، جيڪڏهن ان حصي کي مَهٿي ڪري سٺي نموني ڌوئي ڇڏيو ته شڪ ۾ پوڻ جي ضرورت ناهي.**

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلَّم: جيڪو مون تي هڪ ڀيرو درود پڙهندو آهي الله تعاليٰ ان جي لاءِ هڪ قيراط اجر لکندو آهي ۽ هڪ قيراط احد پهاڙ جيڏو آهي.

# غسل ۾ وسوسا اچڻ جو هڪ سبب

ياد رهي غسل خاني ۾ پيشاب ڪرڻ سان وسوسا پيدا ٿيندا آهن جيئن سرڪار مدينۂ منوره، سردار مڪۂ مڪرمہ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: ڪو بہ غسل خاني ۾ پيشاب نہ ڪري، پوءِ ان ۾ وهنجي يا وضو ڪري جو اڪثر وسوسا انهي ڪري ٿيندا آهن. (ابوداؤد ج 1ص 44 حديث 27)

# حديث پاڪ جي شرح

دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 308 صفحن تي مشتمل ڪتاب "اسلامی بہنوں کی نماز" صفحي 201 تا 202 تي مُفَسِّر شهير حڪيم الامت مفتي احمد يار خان علیہ رحمۃ الرحمٰن انهي حديث تحت فرمائن ٿا: جيڪڏهن غسل خاني جي زمين پڪي ۽ ان ۾ پاڻي خارج ڪرڻ واري نالي بہ آهي تہ اتي پيشاب ڪرڻ ۾ حرج ناهي، جيتوڻيڪ بهتر اهو آهي تہ نہ ڪري پر جيڪڏهن زمين ڪچي هجي، ۽ پاڻي نڪرڻ جو رستو بہ نہ هجي تہ پيشاب ڪرڻ سخت بُرو آهي چوتہ زمين نَجس (يعني ناپاڪ) ٿي ويندي، ۽ غسل يا وضو ۾ گندو پاڻي جسم تي پوندو. حديث ۾ بي صورت مراد آهي تنهن ڪري تاڪيد ڪندي منع فرمائي وئي، يعني انهي سان وسوسن ۽ وهم جي بيماري پيدا ٿيندي آهي جيئن تہ تجربو آهي، يا گندين ڦهنگين پوڻ ڪري وسوسو پيدا ٿيندو آهي . (مرأة ج1 ص 266)

فرمانِ مصطفيٰ صلى الله تعالى عليه واله وسلم: جڏهن توهان مرسلين (عليهم السلام) تي درود شريف پڙهو ته مون تي به پڙهو بيشڪ آءُ سيني جهانن جي ربّ جو رسول آهيان.

## وسوسي جي تباهہ ڪاري جي حڪايت

منهنجا آقا اعليٰ حضرت، مولانا شاهہ امام احمد رضا خان عليه رحمة الرحمٰن فتاويٰ رضويہ جلد پهريون صفحي 1043 جز ”ب“ تي وسوسي جو بهترين علاج بيان ڪندي فرمائن ٿا: وسوسي ڏانهن ڪن نہ ڏرڻ ان جي خلاف ڪرڻ (بہ وسوسي جو علاج آهي) هن عظيم بَلا (يعني وسوسي) جي عادت آهي جيترو هن (وسوسي) تي عمل ٿيو اوترو هي وڌندو ۽ جڏهن قصداً هن جو خلاف ڪيو وجي تہ بِاِذنِهٖ تعاليٰ ڪجهہ ڏينهن ۾ بالڪل ختم ٿي ويندو. (حضرت سيدنا) عمرو بن مره رضى الله تعالىٰ عنه فرمائن ٿا: ” شيطان جنهن کي ڏسندو آهي تہ منهنجو وسوسو هن ۾ ڪارگر ٿيندو آهي سڀ ڪان وڌيڪ ان جي پويان پوندو آهي“ (مصنف ابن ابي شيبہ ج 1 ص 224) امام حَجَر بن مڪي عليه رحمة القوي پنهنجي فتاويٰ ۾ فرمائن ٿا مون سان بعض ثِقہ (يعني اعتماد جوڳن) ماڻهن بيان ڪيو تہ ”ٻن وسوسن وارن کي وهنجڻ جي ضرورت پئي اهي درياءِ نيل تي ويا صبح ٿيڻ مهل پهتا، هڪ ٻئي کي چيو: تون لهي غوطو لڳائي مان ڳڻپ ڪندس ۽ تون کي ٻڌائيندس تہ پاڻي تنهنجي مٿي کي پهتو يا نہ، ان لهي، غوطا لڳائڻ شروع ڪيا، ۽ اهو (جيڪو ٻاهر هو) چيائين تہ اجا ٿوڙي جڳهہ تنهنجي مٿي جي باقي آهي، اتي پاڻي ناهي پهتو، هڪ کي صبح کان منجهند ٿي وئي، آخر ٿڪجي ٻاهر آيو ۽ دل ۾ شڪ رهيو تہ غسل ٿيو يا نہ؟ پوءِ ان ٻي کي چيو هاڻي تون لهہ مان ڳڻيندس، ان ٽبيون لڳائيون

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم : توهان جتي بہ هجو مون تي درود پڙهو توهان جو درود مون وٽ پهچندو آهي.

۽ هي (پهريون) چوندو پيو وجي تہ اجا مٿي تائين پاڻي ناهي پهتو، ايستائين جو شام ٿي وئي مجبور ٿي اهو (بيو) بہ دريا مان نڪري آيو ۽ دل ۾ شڪ جو شڪ رهيو، سڀي ڏينهن جون نمازون وڃايون ۽ غسل لهڻ تي يقين نہ ٿيو ۽ نہ ٿيندو. وَالعِيَاذُ بِاللهِ تَعَالٰي (يعني اسان الله تعاليٰ کان پناهہ گهرون ٿا) هي وسوسو مڃڻ جو نتيجو هو. (حديقة نديہ شرح طريقہ محمديہ ج2 ص 691)

مجھے وسوسوں سے بچایا الٰہی
پئے غوث واحمد رضایا الٰہی

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## وضو ۾ وسوسا

وَلهَان نامي شيطان وضو جي باري ۾ مختلف وسوسا ڏيندو آهي، مثلاً وضو جي دوران شڪ وجهندو آهي تہ فلان عضوو رهجي ويو، فلان عضوو ٽن بدران بہ پيرا ڌوپيو آهي ائين باوضو شخص کي بہ وسوسو ڏيندو آهي تہ تنهنجو وضو ٽٽي پيو، وضو ڪندي ايترو وقت گذري چڪو آهي هاڻي وضو نہ رهيو هوندو! وغيره وغيره، اهڙي صورت ۾ شيطان جي وسوسي ڏانهن بالڪل ڌيان نہ ڏيڻ گهرجي . وضو ۾ وسوسا وجهندڙ شيطان جي باري ۾ شهنشاهِ مدينہ، قرار قلب و سينہ، صاحبِ مُعَطّر پسينہ، فيض گنجينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان باقرينہ آهي: وضو لاءِ هڪ شيطان آهي جنهن جو نالو "وَلَهَان" آهي لهٰذا توهان پاڻي جي وسوسن کان بچو. (سنن ابن ماجہ ج 1 ص 252 حديث 421)

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم : مون تي درود شريف جي ڪثرت ڪريو بيشڪ هي توهان جي لاءِ طهارت (يعني پاڪائي) آهي.

## ٻچي تي پاڻي هڻڻ

جيڪڏهن وضو ڪان پوءِ قطري جو وهم پوندو رهي ته ان شيطاني وسوسي ڪان بچڻ جو هڪ طريقو هي به آهي ته وضو ڪان پوءِ پنهنجي پاجامي يا شلوار جي ٻچي (يعني شرمگاه جي ويجهو ڪپڙي) تي پاڻي هٽي ڇڏيو. حضرت سيدنا ابو هريره رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ روايت فرمائن ٿا ته تاجدار مدينه صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: جڏهن تون وضو ڪرين ته ڇنڊا هٽي ڇڏ. (سنن ابن ماجه ج 1 ص 270 حديث 463) پوءِ جيڪڏهن قطري جو وسوسو ٿئي ته خيال ڪيو جيڪو پاڻي هنيو هو هي ان جو اثر آهي . ها جنهن کي واقعي قطرو ايندو هجي ته ان جي ٻي ڳالهه آهي .

## وضو ۾ وسوسو اچي ته ڇا ڪري؟

دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينه جي شايع ٿيل 1250 صفحن تي مشتمل ڪتاب "بہارِشریعت" جلد پهريون صفحي 310 تي صَدرُالشّرِيعَه، بَدرُالطّرِيقَه، حضرت علامه مولانا مفتي امجد علي اعظمي عَلَیْہِ رَحمۃُ القوي فرمائن ٿا: جيڪڏهن وضو جي دؤران ڪنهن عُضوي جي ڌوئڻ ۾ شڪ پوي ۽ اهو جيڪڏهن زندگي جو پهريون واقعو آهي ته ان کي ڌوئي وٺو ۽ جيڪڏهن هميشه شڪ پوندو رهندو آهي ته ان ڌانهن توجهه نه ڏيو ۽ جيڪڏهن اهڙي طرح وضوکان پوءِ به شڪ پوي ته ان جو ڪو خيال نه ڪريو. ائين توهان وضوءَ سان هيؤ هاڻي شڪ پوڻ لڳو

ته الائي وضو آهي يا نه، ته وضوءَ ڪرڻ جي ضرورت ناهي، ها ڪرڻ بهتر آهي جڏهن هي شڪ وسوسي جي ڪري نه هجي ۽ جيڪڏهن وسوسو آهي ته ان کي هرگز نه مڃي، وسوسي جي صورت ۾ احتياط طور تي وضو ڪرڻ احتياط نه بلڪ شيطان لَعِين جي پيروي آهي .

تو وُضو کے وسوسوں سے یاخدا مجھ کو بچا
ساتھ ظاہر کے مرا باطن بھی ہوجائے صَفا

صَلُّوا عَلَی الحَبِیب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## نماز ۾ وضو ٽُٽڻ جا وسوسا

نماز ۾ شيطان ڪڏهن وسوسو وجهندو آهي ته وضو ٽٽي ويو، ڪڏهن پيشاب جو قطرو نڪرڻ ته ڪڏهن رِيح خارج ٿيڻ جو دل ۾ شڪ وجهندو آهي . جيئن هن ضمن ۾ منهنجي آقاءِ نعمت، اعليٰ حضرت، مجدد دين و ملت، عاشقِ ماهِ نبوت، پروانه شمع رسالت، مولانا شاهه امام احمد رضا خان عَلَيهِ رَحمَةُ الحَنَّان ڪجهه احاديث مبارڪ نقل ڪرڻ کان پوءِ ارشاد فرمائن ٿا: هن حديثن جو حاصل آهي ته شيطان نماز ۾ دوکو ڏيڻ جي لاءِ ڪڏهن انسان جي شرم گاهه تي اڳيان ٺُڪ اچلائيندو آهي ته قطري اچڻ جو گمان ٿيندو آهي، ڪڏهن پويان کان ڦوڪ ڏيندو آهي، يا وار ڇڪيندو آهي ته رِيح خارج ٿيڻ جو خيال گذرندو آهي. هن(طرح جا وسوسا اچڻ) تي حڪم آهي ته نماز کي نه ڇڏيو، جيستائين تري

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم : مون تي ڪثرت سان درود شريف پڙهو بيشڪ توهان جو مون تي درود شريف پڙهڻ توهان جي گناهن جي لاءِ مغفرت آهي.

يا آواز يا بوءِ نہ اچي، جيستائين وُقوعِ حَدَث (يعني وضو ٽٽڻ) تي يقين نہ ٿئي. (فتاويٰ رضويہ ج 1 ص 774)

## شيطان تي چڙهي چڙهيو: "تون ڪوڙو آهين"

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** جيستائين وضو ٽٽڻ جو اهڙو يقين نہ ٿئي تہ جنهن تي قسم کڻي سگهجي ان وقت تائين وضو نہ ويندو، شيطان جڏهن توهان کي چوي: تنهنجو وضو ختم ٿي ويو تہ دل ۾ جواب ڏي تہ خبيث تون ڪوڙو آهين ۽ پنهنجي نماز ۾ مشغول رهي جيئن حضرت سيدنا ابو سعيد خدري رضی اللہ تعالیٰ عنہ روايت ڪن ٿا تہ سرڪارِ والاتبار اسان بيڪسن جي مددگار، شفيع روزِ شمار، حبيب پروردگار صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم ارشاد فرمايو: جڏهن توهان مان ڪنهن وٽ شيطان اچي وسوسو وجهي تہ تنهنجو وضو ختم ٿي ويو تہ فوراً ان کي دل ۾ جواب ڏي تون ڪوڙو آهين ايستائين جو پنهنجي ڪنن ۾ آواز نہ ٻُڌي يا پنهنجي نڪ ڪان بدبو نہ سونگهي. (الاحسان بترتيب صحيح ابن حبان ج 4ص 153 حديث 2656)

## مان ناقص منهنجو عمل ناقص

منهنجا آقاءِ نعمت، اعليٰ حضرت، مجدد دين و ملت، مولانا شاهہ امام احمد رضا خان عليہ رحمۃ الحنّان فرمائن ٿا: "جيڪڏهن پوءِ بہ شيطان وسوسو وجهي تہ تو هي ڪم ڪامل (يعني پورو) ناهي ڪيو، هن ۾ فلان نُقص (يعني عيب) رهجي ويو تہ شيطان کي چوي تہ پنهنجي همدردي پاڻ وٽ رک مون کي ٻڌائڻ جي ڪو

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم : جيڪو مون تي جمعي جي ڏينهن درود شريف پڙهندو آءُ قيامت جي ڏينهن ان جي شفاعت ڪندس.

ضرورت ناهي ۽ مون لاءِ دل جلائڻ جي ضرورت ناهي، مون کان ايترو ئي ٿي سگهي ٿو، جيڪڏهن (منهنجو عمل) ناقص آهي ته مان به ناقص آهيان، پنهنجي حيثيت مطابق ڪيو، منهنجو مولا ڪريم آهي، منهنجي عِجز ۽ ضُعف (يعني منهنجي بيوسي ۽ ڪمزوري) تي رحم فرمائي قبول فرمائيندو، ان جي عظمت لائق ڪير بجا آڻي سگهي ٿو! جيڪڏهن ائين ڪرڻ سان به وسوسو دور نه ٿئي ته چئي ڇڏي جيڪڏهن تنهنجي چوڻ سان منهنجو وضو نه ٿيو، منهنجي نماز نه ٿي نه سهي پر تنهنجي خيال مطابق بي وضو يا ظهر جي نماز ٽي رڪعت پڙهڻ گوارا آهي ۽ اي مَلعُون! تنهنجي پيروي قبول ناهي، جڏهن ائين دل ۾ پڪو پهه ڪيو ته وسوسو پاڙان ختم ٿي ويندو، ۽ بِعَونِهٖ تعالٰی (يعني الله عَزَّوَجَلَّ جي مدد سان) دشمن (شيطان) ذليل ۽ خوار ٿيندو (فتاويٰ رضويه ج 1 ص 786، 787) حضرت سيّدنا امام مجاهد رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تعالٰی عَلَیۡہِ جي فرمان جو به هي مطلب آهي ته پاڻ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تعالٰی عَلَیۡہِ فرمائن ٿا: مون کي بي وضو نماز پڙهڻ ان کان وڌيڪ پسند آهي ته شيطان جي اطاعت ڪيان (هتي حقيقت ۾ بي وضو نماز پڙهڻ مراد ناهي شيطان جو وسوسو دفع ڪرڻ مقصد آهي) (الطريقة المحمديہ مع شرح الحديقة النديہ ج 2 ص 688)

## وڃ مان بي وضو ئي نماز پڙهندس

سيّدنا امام اعظم جي اُستاذُ الاُستَاذ، امامِ اَجل ابراهيم نَخعي عَلَيهِ رَحمةُ القَوِي فرمائن ٿا: شيطان جي وسوسي تي عمل نه ڪيو، جيڪڏهن اهو وڌيڪ پريشان ڪري ته ان کي چئي ڇڏيو ”مان

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم : جنهن مون تي جمعه جي ڏينهن ٻه سؤ ڀيرا درود پاڪ پڙهيو ان جا ٻه سؤ سالن جا گناهه معاف ڪيا ويندا.

بي وضو ئي نماز پڙهندس تنهنجي نه ٻڌندس“ ائين هو خبيث باز اچي ويندو آهي ۽ ان جي ٻڌندا ته وڏيڪ پريشان ڪندو آهي .

میں تیری اطاعت کروں یاالٰہی
نہ شیطاں کی ہر گز سنوں یاالٰہی

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعالىٰ عَلىٰ مُحَمَّد

## نماز ۾ وسوسا

نماز ۾ ٻه شيطان تنگ ڪندو آهي ۽ ڌيان هٽائيندو آهي ”مسلم شريف“ جي روايت آهي ته حضرت سيّدنا عثمان بن ابي العاص رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ فرمائن ٿا ته مون عرض ڪيو: يارسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! شيطان مون ۾ ۽ منهنجي نماز ۾ ۽ تلاوت ۾ رڪاوٽ بڻجي ويو، نماز مُشْتَبِه (يعني مشڪوڪ) ڪري وڌي. حضور اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: هن شيطان کي خِنْزَب چيو ويندو آهي، جڏهن توهان هن کي محسوس ڪيو ته الله عَزَّوَجَلَّ جي پناهه گهرو، ۽ کاٻي پاسي ٽي ڀيرا ٿوڪاريو، پوءِ مون ائين ڪيو الله عَزَّوَجَلَّ ان کي دفع فرمايو. (صحيح مسلم ص 1209 حديث 2203)

## نماز ۾ ايندڙ وسوسن کان بچڻ جو طريقو

مُفَسِّر شهير، حڪيم الامت، مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحمَةُ الرَّحمٰن انهي حديث تحت فرمائن ٿا: نماز شروع ڪندي وقت تڪبيرِ تحريمه کان پهرين، تجربو آهي ته جيڪو تحريمه (يعني نماز شروع ڪرڻ) کان پهرين ائين (يعني کاٻي پاسي ٽي ڀيرا) ٿوڪاري ڪري

فرمانِ مصطفيٰ صلى الله تعالى عليه واله وسلم : جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درود شريف نہ پڙهي تہ ان جفا ڪئي.

لاحول شريف (لَاحَوْلَ وَلَاقُوَّةَاِلَّا بِاللّٰهِ الْعَلِيِّ الْعَظِيم) پڙهي پوءِ تحريمہ چوي (يعني نمازشروع ڪري) نماز دوران نگاهہ جي حفاظت ڪري (اها ائين) تہ قيام ۾ سجدي گاهہ (يعني سجدي جي جڳهہ) رڪوع ۾ پيرن جي مٿانهين سطح، سجدي ۾ نڪ جي بانسي (يعني نڪ جي هڏي تي) جلسہ (يعني ٻہ سجدن جي وچ ۾ ويهڻ) ۽ قعدي (يعني التحيات وغيره پڙهڻ) ۾ جهولي تي (نظر) رکي ان شاءَ الله عَزَّوَجَلَّ نماز ۾ حُضورِ قلب (يعني خُشوع ۽ خُضوع) نصيب ٿيندو. (مرأة ج 1 ص 89)

## ٽڪ شيطان جي منهن ۾ پوندي

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** مِشڪواة شريف جي "باب الوسوسہ" ۾ بيان ڪيل هڪ ٻي حديث پاڪ جنهن ۾ "وسوسي جي علاج" لاءِ کاٻي پاسي ٽي ڀيرا ٿوڪارڻ جو تذڪرو آهي، ان جي تحت مفسر شهير حڪيم الامت مفتي احمد يار خان عليهِ رحمةُ الرَّحمٰن فرمائن ٿا: هي ٿڪ شيطان جي منهن ۾ پوندي، جنهن سان هو ذليل ٿي ڀڄندو ڇو تہ شيطان اڪثر کاٻي پاسي کان ايندو آهي هن سان خبر پئي تہ ڪڏهن شيطان ٿُڪ کان بہ ڀڄي ٿو (مرأة ج 1 ص 88)
اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ سگ مدينہ عفي عنه جو ڪئي بار جو تجربو آهي جڏهن اِستِنجا خاني ۾ شيطان جا وسوسا ايندا آهن تہ کاٻي ڪلهي ڏانهن ٽي ڀيرا ٿوڪارڻ سان شيطان ذليل ٿي ڀڄندو آهي (استنجا خاني ۾ لاحول شريف پڙهڻ منع آهي)

نہ وسوسے آئیں نہ مجھے گندے خیالات
کر ذِہن کا اللہ عطا قفلِ مدینہ

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تعالىٰ عليه وآله وسلَّم : ان شخص جو نڪ مٽيءَ ۾ ملي وڃي جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي دُرُود شريف نہ پڙهي.

## رڪعتن جي باري ۾ وسوسا

شيطان نماز ۾ وسوسا وجهي ٿو ۽ هن جي رڪعتن ۾ بہ شڪ پيدا ڪندو آهي، حديث پاڪ ۾ آهي هڪ شخص بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿي وسوسي جي شڪايت ڪئي تہ نماز ۾ خبر نٿي پوي تہ بہ پڙهيون يا ٽي. حضور نبيِّ ڪريم، رَوفُ رَّحيم عَليه افضلُ الصَّلوٰة وَالتسليم ارشاد فرمايو: جڏهن تون ائين محسوس ڪرين تہ پنهنجي ساڄي شهادت جي آڱر کڻي پنهنجي کاٻي ران ۾ هڻي ۽ بِسمِ الله چئو جو هي شيطان جي حق ۾ ڪاتي آهي(المعجم الڪبير للطبراني ج 1 ص 192 حديث 512) لهٰذا جنهن کي نماز ۾ وسوسن جي عادت هجي ان کي گهرجي تہ نماز شروع ڪرڻ کان اڳ ۾ هي عمل ڪري.

## رڪعتن ۾ شڪ جو مسئلو

دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 1250 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”بہارِ شریعت“ جلد پهريون صفحي 718 تي صَدرُالشّرِيعَہ بَدرُالطّرِيقَہ حضرت علامہ مولانا مفتي امجد علي اعظمي عَليهِ رَحمةُ القوي فرمائن ٿا: جنهن کي رڪعتن جي تعداد ۾ شڪ هجي، مثلاً ٽي ٿيون يا چار ۽ بُلُوغ (يعني بالغ ٿيڻ) کان پوءِ هي پهريون واقعو آهي تہ سلام ڦيري يا ڪو عمل مُنافيءِ نماز (يعني نماز کان باهر ڪري ڇڏڻ وارو فعل) ڪري ٽوڙي يا غالب گمان جي مطابق پڙهي وٺي پر هر صورت ۾ هن نماز کي شروع کان پڙهي، رڳو ٽوڙڻ جي نيت ڪافي ناهي ۽ هي

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلّم : جنهن مون تي درود پڙهڻ وساري ڇڏيو اهو جنت جو رستو ڀلجي ويو.

شڪ پهريون ڀيرو نہ هجي بلڪ اڳ ۾ تي چڪو آهي تہ جيڪڏهن غالب گمان جنهن طرف هجي ان تي عمل ڪري نہ تہ گهٽ پاسي کي اختيار ڪري، يعني ٽي ۽ چار ۾ شڪ هجي تہ ٽي قرار ڏي ۽ ٻہ ۽ ٽي ۾ شڪ هجي تہ ٻہ . وعلٰي هٰذا القِيَاس (يعني انهي اندازي مطابق) ۽ ٽين چوٿين ٻنهي ۾ قعدو ڪري (يعني التحيات ۾ ويهي) تہ ٽين رڪعت جو چوٿين رڪعت هجڻ جو اِحتِمال آهي (يعني ٽين جو چوٿين ٿيڻ جو امڪان آهي) ۽ چوٿين ۾ قعدي کان پوءِ سجدو سهو ڪري سلام ڦيري البت غالب گمان ٿيڻ جي صورت ۾ سجدو سهو ناهي .

## شيطان جي لاءِ ذلت ۽ خواري جو سبب

منهنجا آقاءِ نعمت، اعليٰ حضرت، مجدد دين و ملت، مولانا شاهہ امام احمد رضا خان عَلَيهِ رَحمَةُ الحَنّان فرمائن ٿا: ٽئين ۽ چوٿين ۾ شڪ ٿئي تہ ٽي قرار ڏئي هڪ رڪعت ٻي پڙهي پوءِ سجدو سهو ڪري، هاڻي جيڪڏهن واقعي ان جون پنج ٿيون تہ هي ٻہ سجدا جڻ تہ هڪ رڪعت جي قائم تي ڪري ان نماز جون ٻہ رڪعتون پوريون ٿينديون، هڪ رڪعت اڪيلي نہ رهندي جيڪا شرعاً باطل آهي بلڪ ان سجدن کان ملي جڻ ٻہ رڪعتون ٿي وينديون . جيڪڏهن واقعي چار رڪعتون ٿيون تہ هي سجدا شيطان جي ذلت ۽ خواري ٿيندا تہ ان شڪ وجهي نماز باطل ڪرڻ ٿي چاهي . (فتاويٰ رضويہ ج 1 ص 726)

# بزرگ شيطان کي نامراد موڪلي ڇڏيو

هڪ بزرگ وٽ نماز کان پوءِ شيطان اچي چيو: اوهان هي نماز صحيح طرح ناهي پڙهي، بزرگ جواب ڏنو: مان هرگز اها نماز ٻيهر نہ پڙهندس ڇو تہ جهڙي نماز مان پڙهي سگهيس ٺئي اها نماز مون پڙهي ورتي جيڪڏهن هن ۾ ڪا ڪمي رهجي وئي تہ مان پنهنجي رب عَزَّوَجَلَّ سان معافي گهري وٺندس. شيطان چيو: نماز جهڙي عظيم عبادت جي معاملي ۾ سستي نہ ڪيو هي سستي جو موقعو ناهي اوهان ٻيهر نماز پڙهي وٺو. فرمايائون: جيڪو ٿيڻو هو اهو ٿي چڪو، مان ٻيهر نماز نہ پڙهندس، شيطان وري چيو: ڏسو مان اوهان جي ڀلائي خاطر نصحيت ڪيان پيو، مان تہ اوهان جو خيرخواهہ آهيان الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهہ ۾ اوهان جو مقام ۽ مرتبو وڏو آهي نماز هڪ عظيم عبادت آهي اوهان جهڙي نيڪ ماڻهو کي نماز جي معاملي ۾ ضد نہ ڪرڻ گهرجي، بُزرگ شيطان کي هيٺ ڪرڻ لاءِ فرمايو: چاهي ڇا بہ ٿي وڃي مان هي نماز ٻيهر نہ پڙهندس، ۽ بارگاهِ الٰهي ۾ وڏي مرتبي واري ڳالهہ تہ مان هن بارگاهہ ۾ بلندي بدران هيٺ ئي خوش آهيان. شيطان چيو: الله تعاليٰ اهڙي نماز قبول نہ فرمائيندو. چيائون: منهنجو ربّ ڪريم آهي اهو پنهنجي ڪرم سان منهنجي ناقص عمل کي بہ قبول فرمائيندو، جيڪو مون کان ٿي سگهيو اهو مون ڪري ورتو هاڻ قبول ڪرڻ ان جو ڪم آهي هاڻ تہ هتان کان دفع ٿي وڃ، مان تنهنجي

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم : جنهن مون تي ڏهه ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي سؤ رحمتون موڪليندو آهي.

وسوسي ۾ اچي ڪڏهن ٻه هن نماز کي ٻيهر نه پڙهندس. آخرڪار جڏهن شيطان پنهنجي ناڪامي ڏٺي ته ذليل ۽ خوار ٿي واپس هليو ويو. خيال رهي! ان بُزرگ جو ان کي سختي سان رد ڪرڻ جو سبب هي هو ته شيطان کي ذليل ڪيو وڃي، هن جي وسوسي کي دفع ڪيو وڃي ۽ ان جا رستا بند ڪيا وڃن، هي غرض نه هئي ته عمل نادرست ۽ نامڪمل رهڻ ڏنو وڃي ۽ سستي ۽ لاپرواهي کي رَوا رکيو وڃي ۽ نفس جي فريب ۽ ڪرمِ خداوندي جي بهاني اعتماد ڪيو وڃي ته جيئن تيئن غلط نماز ادا ڪئي وڃي ۽ ان تي ڪفايت ڪئي وڃي ۽ دل کي تسلي ڏيڻ لاءِ هي چيو وڃي ته الله ڪريم آهي بخشي ڇڏيندو.

(اشعه ج1 ص 92)

## وسوسي جو انوکو رد

هڪ بُزرگ کي اڪثر وسوسو ايندو هو ته جتي مان نماز پڙهندو آهيان اها جڳهه ناپاڪ آهي انهن هن وسوسي کي ائين پري ڪيو جو ڇاڻي واٽي اتي نماز پڙهندا هئا جنهن جڳهه جي ناپاڪي جو شڪ ۽ شبهو ٿيندو هو. (اشعه ج1 ص 93)

## وسوسي ڏانهن ڌيان ئي نه ڏيو

هڪ شاگرد تعليم مڪمل ڪرڻ ڪان پوءِ وطن موٽڻ لڳو ته استادِ محترم پڇا ڪئي؟ جڏهن عبادت جي دوران شيطان وسوسو ڏيندو آهي ته ڇا ڪندا آهيو؟ عرض ڪيائين: ان کي پري

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلم: جنهن مون تي ڏينهن ۾ پنجاهه ڀيرا درود پاڪ پڙهيو قيامت جي ڏينهن مان ان سان مصافحو ڪندس.

ڪندو آهيان ڀچا ڪئي جيڪڏهن ٻيهر وسوسو ڏي ته؟ جواب ڏنائين: ان کي ٻيهر دفع ڪندو آهيان. ٽئي ڀيري ڀچا ڪئي: جيڪڏهن ٽئي ڀيرا وسوسو ڏي ته؟ چيو: ته به ان کي پري ڪندو آهيان. استاد محترم نصحيت فرمائي: جڏهن شيطان توهان کي وسوسو ڏي ته ان تي ڌيان نه ڏيو ڇو جو جيڪڏهن توهان ان جي وسوسن کي روڪڻ ۾ لڳي ويا ته اهو توهان کي اهڙن ڪمن ۾ لڳائي رکندو بلڪ توهان ان سان "ٻڪرار جي ڪتي" جهڙو سلوڪ ڪيو ان ڏانهن ڌيان ئي نه ڏيو ۽ ان کان الله عَزَّوَجَلَّ جي پناهه گهرو (يعني اَعُوذُبِالله پڙهي وٺو) (روح البيان ج 1ص 6 بتصرف)

نمازوں میں شیطاں خَلَل ڈالتا ہے
مجھے اِس کے شر سے بچا یا الٰہی

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## طهارت جي باري ۾ وسوسا

شيطان طهارت جي معاملي ۾ به وسوسا ڏيندو ۽ شڪ شُبها پيدا ڪندو آهي ته هي ناپاڪ آهي، هو پاڪ آهي، اوهان ان جي وسوسن ڏانهن ڌيان نه ڏيو. طهارت جي معاملي ۾ شريعتِ مُطَهَّره اسان جي لاءِ گهڻي آساني رکي آهي، پر دين جي علم جي گهٽتائي سبب ڪجهه ماڻهو وسوسن جا شڪار ٿي ويندا آهن، هي شرعي مسئلو ذهن ۾ رکو ته جيستائين ڪنهن شيءِ جو ناپاڪ هجڻ جو يقيني طور تي خبر نه هجي رڳو شڪ جي بنياد

تي ان کي ناپاڪ نٿا چئي سگهون بلڪ ڪنهن شيءِ جي ناپاڪ هجڻ جي کوجنا جي بہ ضرورت ناهي .

## نجاست جي باري ۾ تحقيق جي حاجت ناهي

منهنجا آقاءِ نعمت، اعليٰ حضرت، مجدد دين ۽ ملت، مولانا شاهہ امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الْحَنَّان فتاويٰ رضويہ جلد 4 صفحي 515 تي نقل ڪن ٿا: اميرالمومنين حضرت سيّدنا عمر فاروق اعظم رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ هڪ حوض تان گذريا (اهو حوض دَه در دَه (يعني سو هٿ / 25 گز / 225 فٽ) ڪان ننڍو هو ۽ بيٺل پاڻي جي حڪم ۾ هو ۽ بيٺل پاڻي مان جيڪڏهن درندي پاڻي پيتو تہ اهو ناپاڪ ٿي ويو) عمرو بن عاص رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ (جيڪي) گڏ هئا (اهي) حوض واري ڪان پڇڻ لڳا: ڇا توهان جي حوض تي درندا بہ پاڻي پيئن ٿا؟ (امير المومنين رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ) فرمايو: اي حوض وارا! اسان کي نہ ٻُڌاءِ.“

(موطا امام مالڪ ج1 ص48 رقم48)

## جانورن جي اوبر جي باري ۾ مدني گل

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ڏٺو اوهان! نجاست جي تحقيق ۾ پوڻ جي حاجت ناهي، حالانڪ هي امڪان هوندو آهي تہ حوض ۾ درندن مثلاً ڪتا بہ پاڻي پيئن ٿا ۽ جيڪو بيٺل يعني ده در ده کان گهٽ پاڻي ڪتو جوٺو ڪري تہ اهو ناپاڪ ٿي ويندو آهي، پر جنهن کي خبر ئي ناهي تہ درندي هن مان پاڻي پيتو يا نہ ان جي حق ۾ اهو پاڻي پاڪ آهي. دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 1250 صفحن تي مشتمل ڪتاب

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم: جنهن مون تي ڏهہ ڀيرا صبح ۽ ڏهہ ڀيرا شام درود پاڪ پڙهيو تہ ان کي قيامت جي ڏينهن منهنجي شفاعت ملندي.

”بہارِ شریعت“ جلد پهريون صفحي 342 تي مسئلو نمبر 10 آهي: سوئر، ڪتو، شينهن، چيتو، بگهڙ، هاٿي، گدڙ ۽ ٻين درندن جي اوبر ناپاڪ آهي، ضمناً پنجتن پاڪ جي اٺ اکرن جي نسبت سان جانورن جي اوبر جي باري ۾ 8 مدني گل ملاحظہ ڪيو ان شاءَ اللہ دنيا ۽ آخرت جو نفعو ملندو.

﴿1﴾ جن جاندارن جو گوشت کاڌو ٿو وڃي اهي جانور هجن يا پکي، انهن جي اُوبَر پاڪ آهي جيتوڻيڪ نر هجن، جيئن ڳئون، مينهن، ٻڪري، ڪبوتر، تتر، وغيره ﴿2﴾ جيڪا ڪُڪڙ آزاد گهمي ڦري ۽ گندگي ۾ منهن وجهي ان جي اُوبَر مڪروهہ آهي بند رهي تہ پاڪ آهي، ﴿3﴾ ائين ڪيترن ئي ڍڳين جي عادت غليظ (يعني گندگي) کائڻ جي هوندي آهي انهن جي اوبَر بہ مَڪروهہ آهي ۽ جيڪڏهن هاڻ نجاست کاڌي ۽ ان کان پوءِ ڪا اهڙي ڳالهہ نہ ٿي جو ان جي منهن جي طهارت ٿي وڃي ها جيڪڏهن هن حالت ۾ ان (بينل پاڻي يعني ده درده کان گهٽ) ۾ منهن وڌو تہ پاڻي ناپاڪ ٿي ويو. (۽ جيڪڏهن جاري پاڻي ۾ منهن وجهي پاڻي پيتو تہ منهن پاڪ ٿي ويو) ائين ڍڳي، پاڏي، ٻڪرن عادت مطابق ماديءَ جو پيشاب سونگهيو ۽ انهن جو منهن ناپاڪ ٿيو ۽ نگاهہ کان غائب نہ ٿيا نہ ايتري دير گذري جنهن ۾ طهارت ٿي وڃي تہ ان جي اوبر ناپاڪ آهي ۽ جيڪڏهن چار (بينل) پاڻي ۾ منهن وجهن تہ پهريان ٿي پاڻي ناپاڪ چوٿون پاڪ ﴿4﴾ گهوڙي جي اوبر پاڪ آهي ﴿5﴾ گهر ۾ رهڻ وارا جانور

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم: جيڪو مون تي هڪ ڀيرو درود پڙهندو آهي الله تعالي ان جي لاءِ هڪ قيراط اجر لکندو آهي ۽ هڪ قيراط احد پهاڙ جيڏو آهي.

ٻلي، ڪوئو، نانگ، ڪِرڙيءَ جي اوبر مَڪروهه آهي ﴿6﴾ ٻلي چوئو ڪاڍو ۽ فوراً وات ڌوتائين ۾ وڌو ته ڌوتائين ناپاڪ ٿي ويو ۽ جيڪڏهن زبان سان منهن چٽي ورتائين ته اثر ويندو رهيو ﴿7﴾ پاڪ پاڻي هوندي مڪروهه پاڻي سان وضو ۽ غسل ڪرڻ مڪروهه ۽ جيڪڏهن سنو پاڻي موجود ناهي ته حرج ناهي، ائين مڪروهه اوبر جو کائڻ پيئڻ مالدار کي مڪروهه آهي ۽ غريب محتاج کي بنا ڪراهيت جي جائز آهي ﴿8﴾ جنهن جي اوبر ناپاڪ آهي ان جو پگهر ۽ ڳِگَ (يعني وات جو پاڻي) به ناپاڪ آهي ۽ جنهن جي اوبر پاڪ آهي ان جو پگهر ۽ ڳِگَ به پاڪ آهي ۽ جنهن جي اوبر مڪروهه آهي ان جي ڳِگَ ۽ پگهر به مڪروهه آهي.

## ڳپ جي ذريعي وسوسي جو عجيب علاج

منهنجا آقا اعليٰ حضرت، مجدد دين ۽ ملت، مولانا شاهه امام احمد رضا خان علیہ رحمۃ الرحمٰن فتاويٰ رضويه جلد 1 صفحي 771 تي فرمائن ٿا: صالحين (يعني نيڪ ٻانهن) مان هڪ صاحب فرمائن ٿا: مون کي پاڪائي جي باري ۾ وسوسا هئا، رستي ۾ جيڪڏهن ڳپ لڳندي هئي ته ان کي ڌوئيندو هئس (حالانڪ جيستائين يقيني معلومات نه هجي ڳپ پاڪ هوندي آهي) هڪ ڏينهن نماز فجر لاءِ وڃي رهيو هئس ته رستي تان ڳپ لڳي وئي، مون ڌوئڻ چاهيو ۽ خيال آيو ته ڌوئندس ته جماعت نڪري ويندي، اوچتو الله عزوجل مون کي هدايت فرمائي (۽) منهنجي دل ۾ خيال آيو ته ان ڳپ ۾

لهي، ۽ سڀ ڪپڙا گپ سان ڀري ڇڏ، ۽ ائين (يعني انهي حالت ۾) نماز ۾ شريڪ ٿي وڃ، ۽ پوءِ مون ائين ڪيو تہ ٻيهر وسوسو نہ آيو. (الحديقة النديہ ج 2 ص 693)

## جيستائين معلوم نہ هجي گپ پاڪ آهي

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ڏٺو توهان! هي علمِ دين جي برڪت آهي، ان بُزُرگ کي مسئلو معلوم آهي تہ رستي جي گپ ان وقت تائين نجس (يعني ناپاڪ) قرار نٿي ڏئي سگهجي جيستائين ان جو ناپاڪ هجڻ قَطَعي (يعني يقيني) طور تي معلوم نہ هجي لهٰذا ان وسوسي جو زبردست علاج ڪيو! دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل رسالي ”ڪپڙا پاڪ ڪرڻ جو طريقو“ ۾ آهي: رستي جي گپَ (چاهي برسات جي هجي يا ڪا ٻي) پاڪ آهي جيستائين ان جو نَجس (يعني ناپاڪ) هجڻ معلوم نہ ٿئي، تہ جيڪڏهن پيرن يا ڪپڙي ۾ لڳي ۽ ڌوئڻ کان سواءِ نماز پڙهي وئي تہ ٿي وئي پر ڌوئڻ بهتر آهي.

(بهار شريعت ج 1 ص 394)

## چادر جي ڪهڙي ڪنڊ ناپاڪ هئي هي ياد ناهي تہ؟

ڪڏهن لباس تي نجاست لڳي ۽ خبر نہ پوي تہ ڪٿي لڳي تڏهن بہ ماڻهو وسوسن جو شڪار ٿي وڃي ٿو، اهڙي صورت ۾ شريعت پاڪ اسان کي گهڻي آساني ڏني آهي . جيئن فتاويٰ رضويہ شريف ۾ آهي تہ چادر جي هڪ ڪنڊ يقيناً ناپاڪ هئي ۽ تَعَيُّن ياد نہ رهيو (يعني هي ياد نہ هجي تہ ڪهڙي ڪنڊ ناپاڪ هئي) تہ

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلَّم : توهان جتي بہ هجو مون تي درود پڙهو توهان جو درود مون وٽ پهچندو آهي.

کابہ ڪنڌ ڏوتي تہ پاڪي جو حڪم ڏيندا سين .

(فتاويٰ رضويہ ج 4 ص 511)

## بار پاڻيءَ ۾ هٿ وجهڻ تہ؟

ڪڏهن ڪڏهن ٻار پاڻي ۾ هٿ وجهي ڇڏيندو آهي تہ انسان شڪ ۾ پئجي ويندو آهي تہ پاڻي پاڪ رهيو يا ناپاڪ ٿي ويو! هن معاملي ۾ بہ شڪ ۾ پوڻ جي ضرورت ناهي ڇوتہ فقهاءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللہ السَّلام فرمائن ٿا: ”جنهن پاڻي ۾ ٻار هٿ يا پير وجهي، پاڪ آهي جيستائين نجاست جي تحقيق نہ ٿئي . (فتاويٰ رضويہ ج4 ص486)

طهارت کے بارے میں شیطان اکثر
دلاتا ہے شک، ہو کرم یا الٰہی

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ تَعالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## طلاق جي باري ۾ وسوسا

ڪڏهن ڪڏهن انسان کي شيطان وسوسا وجهندو آهي تہ ياد ڪر تنهنجي واتان تنهنجي گهرواري لاءِ طلاق جا لفظ نڪتا هئا! اهڙي صورت ۾ جڏهن دل مُطمئن آهي تہ طلاق ناهي ڏني صرف وسوسا آهن تہ شيطان کي چئو تون ڪوڙو آهين مون طلاق نہ ڏني آهي . هن ضمن ۾ منهنجا آقا اعليٰ حضرت، مجدد دين ۽ ملت، مولانا شاهہ امام احمد رضا خان عَلَيهِ رَحمةُ الرَّحمٰن هڪ حڪايت نقل ڪن ٿا: امام ابو حازِم اجلہ اَئِمَّہِ تابِعِين مان آهن انهن وٽ هڪ شخص اچي شڪايت ڪئي تہ شيطان مون کي وسوسا ڏيندو آهي ۽ سڀ کان وڌيڪ سخت هي تہ هو چوندو آهي

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم : مون تي درود شريف جي ڪثرت ڪريو بيشڪ هي توهان جي لاءِ طهارت (يعني پاڪائي) آهي.

تو پنهنجي عورت کي طلاق ڏئي ڇڏي، امام فوراً فرمايو: ڇا تون منهنجي سامهون طلاق نہ ڏني؟ ان گهٻرائي چيائين: خدا جو قسم! مون ڪڏهن بہ اوهان جي سامهون ان کي طلاق نہ ڏني، فرمايائون: جيئن منهنجي سامهون قسم کڻي چيو، تہ شيطان جي سامهون ڇو نٿو چوين؟ جو هو تنهنجي پچر ڇڏي (يعني جڏهن ايترو اعتماد آهي جو منهنجي سامهون قسم کڻي سگهين ٿو تہ اهڙي اعتماد سان شيطان کي بہ قسم کڻي چئي ڇڏ تہ مردود دفع ٿي خدا جو قسم ! مون پنهنجي عورت کي طلاق نہ ڏني آهي) (فتاويٰ رضويہ ج 1 ص 785)

مری پریشانیاں وسوسوں کی
تو کر دور بہرِ رضا یا الٰہی

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعالىٰ عَلىٰ مُحَمَّد

## ڪو ڪارائي تہ تحقيق نہ ڪيو

ڪڏهن ڪڏهن ڪائڻ جي دعوت تي انسان وسوسي ۾ پئجي ويندو آهي تہ الائي ان جو کاڌو حلال مال جو آهي يا حرام جو؟ هن باري ۾ حديث پاڪ ۾ محبوب پاڪ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم جو ارشاد گرامي آهي: جڏهن توهان مان ڪو پنهنجي مسلمان ڀاءُ وٽ وڃي ۽ ان کي پنهنجي کاڌي مان کارائي تہ کائي ڇڏي، ان جي باري ۾ سوال نہ ڪري ۽ جيڪڏهن پنهنجي مَشروب (پيئڻ جي شيءِ) مان پياري تہ پيءَ وٺي ۽ ان جي باري ۾ ڪجهہ پڇا نہ ڪري. (شعب الايمان ج 5 ص 67 حديث 5801)

فرمانِ مصطفيٰ صلى الله تعالىٰ عليه وآله وسلم : جنهن ڪتاب ۾ مون تي درود شريف لکيو ته جيستائين منهنجو نالو ان ڪتاب ۾ لکيل رهندو فرشتا ان جي لاءِ استغفار ڪندا رهندا.

# کائڻ جي باري ۾ تحقيق سبب ڳناهن جو دروازو کلي سگهي ٿو

سُبحٰن الله عَزَّوَجَلَّ ڪيتري آساني آهي، ڪاش! اسان کي ديني معلومات هجي ها ڇاڪاڻ ته علمِ دين به وسوسن جي پاڙ پٽڻ جو ذريعو آهي، افسوس! اسان دين کان ناواقفيت جي ڪري به اڪثر شيطان جي وسوسن جو شڪار ٿي وڃون ٿا، منهنجا آقا اعليٰ حضرت، مجدد دين و ملت، مولانا شاهه امام احمد رضا خان عليه رحمة الرحمٰن فتاويٰ رضويه جلد 4 صفحي 528 تا 529 تي فرمائن ٿا: حُجَّةُ الاسلام، حڪيمُ الأمة، ڪاشِفُ الغُمَّہ امام محمد بن محمد غزالي رضي الله تعالىٰ عنه احياءُ العلوم شريف ۾ فرمايو: مان چوان ٿو (جنهن کي دعوت ڏني وئي) ان جي لاءِ جائز ناهي ته اهو ان (داعي) کان سوال ڪري بلڪ اهو تقويٰ اختيار ڪرڻ چاهي ته نرمي سان ڇڏي ڏي ۽ جيڪڏهن (دعوت ۾) وڃڻ ضروري آهي ته پڇا ڪرڻ بغير ڪائي چوته سوال ڪرڻ سبب ايذاء ڏيڻ، عيب ڪولڻ، وحشت پيدا ڪرڻ آهي ۽ هي يقيناً حرام آهي (امام غزالي رضي الله تعالىٰ عنه ڪجهه اڳيان وڌيڪ فرمائن ٿا:) ۽ ڪيترا جاهل زاهد آهن جيڪي تَفتِيش جي ذريعي دلن ۾ وحشت پيدا ڪندا آهن ۽ نهايت سخت ۽ ايذاء ڏيندڙ ڪلام استعمال ڪندا آهن حقيقت ۾ شيطان ان کي انهن جي نظرن ۾ سنو ڏيکاريندو آهي جيئن اهي حلال کائڻ وارا مشهور ٿين، ۽ جيڪڏهن ان جو سبب رڳو دين هجي ته پوءِ مسلمانن جي دل کي اذيت پهچائڻ جو خوف اهڙي شيءِ کي پيٽ ۾ داخل ڪرڻ

جي خوف کان وڌيڪ آهي جنهن جي باري ۾ اهو نٿو ڄاڻي چوته جنهن ڳالهه کي اهو نٿو ڄاڻي ان تي پڪڙ (يعني پڇا ڳاڇا) نه ٿيندي، جيستائين اهڙي علامت نه هجي جنهن جي ڪري اِجتناب (يعني بچڻ) لازم ٿيندو آهي، ته ڄاڻي ونو! پرهيزگاري سوال ترڪ ڪرڻ ۾ آهي تجسس ۾ ناهي ۽ جيڪڏهن ڪائڻ ضروري هجي ته ڪائي وني ۽ سني گمان رکڻ ۾ پرهيزگاري آهي. (احياءُ العلوم ج 2 ص 150)

دِل پہ شیطان نے آقا ہے جمایا قبضہ ہُوں گناہوں میں گرفتار رسولِ عَرَبی
آہ! بڑھتا ہی چلا جاتا ہے مرضِ عصیاں دو شفا سیّدِ ابرار رسولِ عَرَبی

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## شيطان جون ٻه قسمون

اهو ته هو شَياطِينُ الجن جي وسوسن جو بيان، ائين شَياطِينُ الاِنس يعني شيطان ماڻهو به گمراهه ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا ۽ دلين ۾ شڪ شبها وجهندا آهن، جيئن منهنجا آقا اعليٰ حضرت، مجدد دين ۽ ملت، مولانا شاهه امام احمد رضا خان عَلَیْہِ رَحمۃُ الرَّحمٰن جي فرمان جو خلاصو آهي: شيطان جو ٻه قسمون آهن: (1) شَياطِينُ الجن يعني ابليس لعين ۽ ان جو اولاد (2) شَياطِينُ الْاِنس يعني ڪافر ۽ مُبْتَدِعِين (يعني بدمذهبن) جا داعي ۽ مُنادِي (يعني ڪفر ۽ گمراهي جي دعوت ڏيڻ وارا ۽ ان ڏانهن سڏ ڪرڻ وارا) وڌيڪ فرمائن ٿا: آئمه دين فرمائن ٿا ته شيطان ماڻهو شيطان جن کان وڌيڪ سخت هوندو آهي. (فتاويٰ رضويه ج 1 ص 780، 781)

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم : مون تي ڪثرت سان درود شريف پڙهو بيشڪ توهان جو مون تي درودشريف پڙهڻ توهان جي گناهن جي لاءِ مغفرت آهي.

الله عَزَّوَجَلَّ سورۃُ النَّاس ۾ ٻنهي قسمن جي شياطين کان پناهه گهرڻ جو حڪم ڏنو آهي جيئن ارشاد باري تعاليٰ آهي:

الَّذِیۡ یُوَسۡوِسُ فِیۡ صُدُوۡرِ النَّاسِ ۙ﴿۵﴾ مِنَ الۡجِنَّۃِ وَ النَّاسِ ٪﴿۶﴾

ترجمو ڪنزالايمان: جيڪي ماڻهن جي دلين ۾ وسوسا وجهن ٿا جنن (جي جنس) ۽ ماڻهن مان.

## شيطان ماڻهو

حديث پاڪ ۾ آهي ته اسان جا پيارا آقا مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حضرت سيدنا ابوذر غفاري رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کي ارشاد فرمايو: الله عَزَّوَجَلَّ جي پناهه گُهر شيطان ماڻهو ۽ شيطان جنن جي شر کان، عرض ڪيو: ڇا ماڻهن ۾ به شيطان آهن؟ فرمايو: ها (مسند امام احمد ج 8 ص 130 حديث21602) جيترا ڪافر، مشرڪ، گمراهه، بد مذهب ۽ گستاخان رسول آهن اهي سڀ جا سڀ شَياطِينُ الْاِنْس (يعني شيطان ماڻهن) ۾ داخل آهن ۽ ابليس سان گڏ انهن جي شر کان به اسان کي پناهه طلب ڪرڻ گهرجي، پر افسوس! ڪيترائي مسلمان انهن سان خوب ميل جول رکندا آهن ۽ انهن جي گفتگو به وڏي ڌيان سان ٻڌندا آهن، اهو ئي سبب آهي جو پوءِ پنهنجي دين کان ناواقفيت جي ڪري شڪ ۽ شبهي ۾ پئجي ويندا آهن ته خبر ناهي اهو صحيح هو يا نه؟ ۽ پوءِ ڪجهه هنن جي جال ۾ ايترو ته ڦاسي پوندا آهن ته انهن جا ڳڻ ڳائڻ لڳندا آهن ۽ ائين چوندي به ٻڌا ويا آهن ”هي به ته صحيح چئي رهيا آهن!“ منهنجا آقا اعليٰ حضرت، مجدد دين و

ملت، مولانا شاهه امام احمد رضا خان عليهِ رحمةُ الحنّان فتاويٰ رضويه جلد 1 صفحي 781 تا 782 تي اهڙن کان بچڻ جي تاڪيد ڪندي فرمائن ٿا: پيارو! توهان پنهنجي نفعي، نقصان کي وڏيڪ ڄاڻو ٿا يا توهان جو رب عزّوجلّ، توهان جو نبيّ ڪريم صلّى الله تعالىٰ عليه واله وسلّم انهن جو حڪم آهي ته شيطان توهان وٽ وسوسو ڏيڻ اچي ته صاف جواب ڏيو ته ”تون ڪوڙو آهين“ نه هي ته توهان پڄي پڄي انهن (ڪافرن، يا بي دينن، بدمذهبن) وٽ وڃو پنهنجي ربّ جلّ وعلا پنهنجي قران، پنهنجي نبي صلّى الله تعالىٰ عليه واله وسلّم جي شان ۾ ڪلمات ملعونه (گستاخانا جملا) نه ٻڌو (اعليٰ حضرت وڌيڪ فرمائن ٿا:) (سيپاري 8 سورة الأنعام جي آيت نمبر 112 ۾ ارشاد آهي)

وَلَوْ شَآءَ رَبُّكَ مَا فَعَلُوْهُ فَذَرْهُمْ وَمَا يَفْتَرُوْنَ ﴿١١٢﴾

**ترجمو ڪنزالايمان:** ۽ توهان جو رب چاهي ها ته اهي ائين نه ڪن ها پوءِ انهن کي سندن بناوٽن تي ڇڏي ڏي

ڏسو انهن کي ۽ انهن جون ڳالهيون ڇڏڻ جو حڪم فرمايو آهي يا انهن کي ٻڌڻ لاءِ وڃڻ جو، ۽ ٻڌو! ان کان پوءِ جي (سورةُ الاَنعام جي) آيت113 ۾ فرمائي ٿو:

وَلِتَصْغٰۤى اِلَيْهِ اَفْـِٕدَةُ الَّذِيْنَ لَا يُؤْمِنُوْنَ بِالْاٰخِرَةِ وَلِيَرْضَوْهُ وَلِيَقْتَرِفُوْا مَا هُمْ مُّقْتَرِفُوْنَ ﴿١١٣﴾

**ترجمو ڪنزالايمان:** ۽ هن لاءِ ته ان جي طرف انهن جون دليون جهڪن جن جو آخرت تي ايمان نه آهي ۽ هن لاءِ ته ان کي پسند ڪن ۽ گناهه ڪمائن جيڪي گناهه انهن کي ڪرڻا آهن

ڏسو انهن جي ڳالهين تي ڪن لڳائڻ، انهن جو ڪم ٻڌايو آهي جيڪي آخرت تي ايمان نه ٿا رکن، ۽ ان جو نتيجو هي

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلم : جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درود شريف نہ پڙهيَ تہ ان جفا ڪئي.

فرمايو تہ اهي مَلعون ڳالهيون انهن تي اثر ڪن ۽ اهي بہ انهن جهڙا ٿي وڃن، وَالعِياذُ بِاللّٰه (يعني الله تعاليٰ کان ان جي پناهہ) . ماڻهو پنهنجي جهالت جي ڪري گمان ڪندا آهن تہ اسان پنهنجي دل سان مسلمان آهيون اسان تي هن جو ڪهڙو اثر ٿيندو! حالانڪ رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا: جيڪو دجّال جي خبر ٻڌي تہ ان تي واجب آهي تہ ان کان پري ڀڄي جو خدا جو قسم! ماڻهو ان وٽ ويندو ۽ هي خيال ڪندو تہ مان مسلمان آهيان يعني مون کي ان مان ڪهڙو نقصان پهچندو، اتي ان جي دوکن ۾ پئجي ان جي پيروي ڪندڙ بڻجي ويندو (سنن ابي داؤد ج 4 ص157 حديث 4319) ڇا دجال هڪ انهي دَجَّالِ اَخْبَث (يعني ناپاڪ دجال) کي سمجهو ٿا جيڪو اچڻ وارو آهي، حاشا! تمام گمراهين جا داعي مُنادِي (يعني دعوت ڏيڻ وارا ۽ ان ڏانهن سڏ ڪرڻ وارا) سڀ دجّال آهن ۽ سڀني کان پري ڀڄڻ جو حڪم ڏنو ويو ۽ ان ۾ اهو انديشو ٻڌايو ويو آهي. رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا: آخري زماني ۾ دجال ڪذّاب (يعني ڪوڙا دجال) ماڻهو هوندا اهي اهڙيون ڳالهيون توهان وٽ آڻيندا جيڪي نہ توهان ٻڌيون نہ توهان جي ابن ڏاڏن، توهان ان کان پري رهو ۽ انهن کي پاڻ کان پري رکو جو اهي توهان کي گمراهہ نہ ڪن، ڪٿي توهان کي فتني ۾ نہ وجهن. (صحيح مسلم ص 9 حديث7) (فتاويٰ رضويہ ج 1 ص 781، 782)

سَرور دیں! لیجے اپنے ناتُوانوں کی خبر
نفس و شیطاں سیِّدا! کب تک دباتے جائیں گے

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم : ان شخص جو نڪ مٽيءَ ۾ ملي وڃي جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي دُرُود شريف نہ پڙهي.

## وسوسن جو علاج

## شيطان ڏيڏر جي شڪل ۾

حضرت سيدنا عمر بن عبدالعزيز رضی اللہ تعالیٰ عنہ کان منقول آهي ڪنهن الله عزوجل کان دعا گهري: "ياالله عزوجل! مون کي بني آدم (يعني انسان) جي دلين ۾ شيطان جي وسوسا وجهڻ جو طريقو ڏيکار" ان خواب ۾ ڏٺو تہ هڪ شيشي وانگر ماڻهو آهي جنهن جو اندر ٻاهر سڀ آرپار نظر اچي پيو، ان جي ڪلهي ۽ ڪن جي وچ ۾ شيطان ڏيڏر جي شڪل ۾ ويهي پنهنجي وڏي سنهي سونڊ کي ڪلهي کان ان جي دل ۾ داخل ڪري وسوسا ڏئي رهيو آهي، جڏهن اهو ماڻهو الله عزوجل جو ذڪر ڪندو آهي شيطان پويان هٽي ويندو آهي. (مڪاشفة القلوب ص 59)

## سرڪار جي ڪا گهڙي ذڪرالله کان خالي نہ هوندي هئي

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** معلوم ٿيو ذڪرالله عزوجل وسوسن جو بهترين علاج آهي ڇوتہ شيطان ذڪرِ الٰهي کان پري ڀڄندو آهي، اسان جا پيارا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم جن جي ڪا گهڙي، ڪو ساهہ ذِڪرُ الله کان خالي نہ هوندي هئي، اسان کي بہ جڏهن موقعو ملي بلاضرورت منهن بند ڪرڻ بدران الله الله ڪرڻ يا درود شريف پڙهڻ گهرجي . ان شاءَ الله عزوجل ائين ثواب جو ميٽر هلندو رهندو، ۽ شيطان ڪمزور کان ڪمزور ٿيندو رهندو. (احياءُ العلوم ج 3 ص 37)

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم : جنهن مون تي درود پڙهڻ وساري ڇڏيو اهو جنت جو رستو ڀلجي ويو۔

## شيطان جو ٻڙڙي ڪري جهرڪي جيان ٿيڻ

حُجَّةُ الاسلام حضرت سيّدنا امام محمد بن محمد غزالي عَلَيهِ رَحمَةُ الوَالي نقل ڪن ٿا حضرت سيّدنا قيس بن حجاج رَحمَةُ اللهِ تعالیٰ عَلَيهِ فرمائن ٿا: منهنجي شيطان (همزاد) مون کي چيو: مان جڏهن تنهنجي اندر داخل ٿيس تہ اُٺ جيان (طاقتور) هئس ۽ هاڻي جهرڪي جيان (ڪمزور) آهيان، مون پڇا ڪئي: ڇو؟ چوڻ لڳو: توهان الله عَزَّوَجَلَّ جي ذڪر جي ذريعي مون کي ڳاڙي ڇڏيو آ (احياءُ العلوم ج 3 ص 37) بهرحال ياد الٰهي کان غفلت سني شيء ناهي .

## شيطان پوئتي هٽي ويندو آهي

حضرت سيدنا ابن عباس رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنهُ فرمائن ٿا: شيطان انسان جي دل تي وينو رهندوآهي، جڏهن ٻانهو ذڪرالله کان غافل ٿيندوآهي تہ شيطان وسوسا ڏيندو آهي ۽ جڏهن انسان الله عَزَّوَجَلَّ جو ذڪر ڪندو آهي تہ شيطان پويان هٽي ويندو آهي .

(مصنف ابن ابي شيبہ ج 9 ص 392)

## ذڪر ۽ وسوسن جي وچ ۾ جنگ

حُجَّةُ الاسلام حضرت سيّدنا امام محمد بن محمد غزالي عَلَيهِ رَحمَةُ الوَالي نقل فرمائن ٿا، حضرت سيّدنا مجاهد هن ارشاد خداوندي:

مِنْ شَرِّ الْوَسْوَاسِ ۙ الْخَنَّاسِ ۪ۙ ترجمو ڪنزالايمان: ان جي شرڪان جيڪو برا خيال وجهي ۽ ڇپي وڃي

جي تفسير ۾ فرمايو تہ اهو (شيطان) دل تي ڇانيل آهي جڏهن انسان الله تعالي جو ذڪر ڪندو آهي تہ اهو ويڙهجي ويندو

فرمانِ مصطفيٰ ﷺ : جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي.

آهي جڏهن غافل هوندو آهي ته ان جي دل تي ڦهلجي ويندو آهي اهڙي طرح الله تعاليٰ جي ذڪر ۽ شيطان جي وسوسن جي وچ ۾ جنگ ائين جاري آهي جيئن روشني ۽ اونداهي ۽ رات ۽ ڏينهن جي وچ ۾ جاري آهي هي ٻئي يعني ذڪر ۽ وسوسا هڪ ٻي جا مخالف آهن . الله تعاليٰ (سيپاري 28 سورةُالمُجَادِله آيت نمبر 19 ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

اِسْتَحْوَذَ عَلَيْهِمُ الشَّيْطٰنُ فَاَنْسٰهُمْ ذِكْرَ اللّٰهِ ؕ

**ترجمو ڪنزالايمان:** انهن تي شيطان غالب اچي ويو پوءِ انهن ڪان الله جي ياد وسارايائين،

(احياءُ العلوم ج 3 ص 35)

## شيطان دل تي ڪڏهن ڳرهه ڏاهيندو آهي

حضرت سيدنا انس رضی اللہ تعالٰی عنہ فرمائن ٿا: نبي اڪرم، نور مجسم صلی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلم فرمان عاليشان: شيطان انسان جي دل تي پنهنجي سونڊ رکي ڇڏيندو آهي، جيڪڏهن اهو الله تعاليٰ جو ذڪر ڪري ته اهو ويڙهجي ويندو آهي ۽ الله تعاليٰ کي وساري ته اهو ان کي گرهه ڏاهيندو آهي. (ابو يعليٰ ج 3 ص 453 حديث 4285)

## 40 سالن جو ماڻهو جيڪڏهن توبهه نه ڪري ته ...

منقول آهي: جڏهن انسان 40 سالن جو ٿيندو آهي ته شيطان ان جي چهري تي هٿ ڦيرندو آهي ۽ چوندو آهي: هن چهري تي قربان ٿيان جنهن فلاح نه پاتي . (احياءُ العلوم ج 3 ص 35)

شهزادهءِ اعليٰ حضرت، تاجدارِ اهلسنت، حضور مفتي اعظم

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم : جنهن مون تي ڏهه ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي سؤ رحمتون موڪليندو آهي.

بارگاهه الٰهي ۾ عرض ڪن ٿا:

جو ہے غافل ترے ذِکر سے ذُوالجلال  اُس کی غفلت ہے اُس پر وبال ونَکال ١
قعرِ غفلت ٢ سے ہم کو خدایا نِکال  ہم ہوں ذاکر ٣ ترے اور مذکور ٤ تُو
اَللّٰہ، اَللّٰہ، اَللّٰہ، اَللّٰہ، (سامانِ بخشش)

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## وسوسن تي توجه نه ڏيو

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ”وسوسن“ جو هڪ علاج هي به آهي ته ان ڏانهن ڌيان نه ڏيو. ڪاش! ائين ٿي وڃي جيئن وسوسا اچن ته اسان تصور ئي تصور ۾ مڪي پاڪ زَادَهَا اللهُ شَرَفاً وتَعظِيماً جي حسين وادين ۾ گم ٿي وڃون، مسجد الحرام شريف ۾ حاضر ٿي ڪري خوب خوب حَجرِ اَسوَد کي چمڻ ۽ جهومي جهومي ڪعبي شريف جي چوڌاري گهمڻ ۾ مشغول ٿي وڃون. ڪاش! ڪاش! ڪاش! مٺي مٺي مديني جي حَسين يادن ۾ مگن ٿي وڃون، مديني جي حسين دلڪش نظارن ۾ گم ٿي وڃون، ڪڏهن مديني جي دِلرُبا ڪنڊن جو ته ڪڏهن اتي جي خوشنما گلن جي تصور ۾ گم ٿي وڃون، ڪڏهن مديني جي خوبصورت وادين جو ته ڪڏهن مديني جي نوراني گهٽين جي حُسن ۾ مست ٿي وڃون، ڪڏهن مديني جي دلڪش پهاڙن جي، ته ڪڏهن صحراءِ مدينه جي بهارن جي يادن ۾ پاڻ کي گمايون، ڪڏهن مديني جي پاڪيزه فضائن جو ته ڪڏهن مهڪي مهڪي هوائن جو تصور ئي تصور ۾ لُطف

(1) ۽ عذاب (2) غفلت جي کڏ (3) ذڪر ڪندڙ (4) ذڪر ٿيل

فرمانِ مصطفيٰ صلى الله تعالىٰ عليه واله وسلم: جنهن مون تي ڏينهن ۾ پنجاهه ڀيرا درود پاڪ پڙهيو قيامت جي ڏينهن مان ان سان مصافحو ڪندس.

حاصل ڪيون، ڪڏهن سبز سبز گنبد جي حسين نظارن جو ته ڪڏهن سنهري ڄارين تي باادب حاضري جو تصور ڄمايون ۽ جيڪڏهن شوق ساٿ ڏي ته شهنشاهِ خوش خصال، پيڪرِ حُسن و جَمال، دافِعِ رَنج و مَلال، صاحبِ جُود و نَوال، رسول بي مثال، بيبي آمنه جي لال صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو حسين تصور ڪندا رهون اي ڪاش! اسان کي مديني ۽ مديني واري آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو اهڙو غم، سوز، عشق ۽ درد ملي وڃي ته دنيا جي غمن ۽ صدمن ۽ شيطاني وسوسن کان آزاد ٿي وڃون اي ڪاش!

ایسا گُمادے ان کی وِلا میں خدا ہمیں
ڈھونڈا کریں پَر اپنی خبر کو خبر نہ ہو

اٰمِين بِجاهِ النَّبِيِّ الْاَمين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## ياخدا ڪرم! جي اٺ اکرن جي نسبت سان وسوسن جا 8 علاج

﴿1﴾ الله عَزَّوَجَلَّ جي طرف رجوع ڪيو . (يعني الله عَزَّوَجَلَّ کان مدد گهرو شيطان کان نجات لاءِ ۽ ذڪر الله شروع ڪيو)

﴿2﴾ اَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْم پڙهو

﴿3﴾ لَاحَوْلَ وَلَاقُوَّةَ اِلَّا بِاللّٰهِ پڙهو

﴿4﴾ سُورَةُ النَّاس جي تلاوت ڪريو

﴿5﴾ اٰمَنْتُ بِاللّٰهِ وَرَسُوْلِهٖ چئو

﴿6﴾ هُوَ الْاَوَّلُ وَالْاٰخِرُ وَالظَّاهِرُ وَالْبَاطِنُ ۚ وَهُوَ بِكُلِّ شَيْءٍ عَلِيْمٌ ۝ (پ27 الحديد 3)

چئو، ان کان فوراً وسوسو دفع ٿي ويندو آهي .

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم: جيڪو مون تي هڪ ڀيرو درود پڙهندو آهي الله تعاليٰ ان جي لاءِ هڪ قيراط اجر لکندو آهي ۽ هڪ قيراط احد پهاڙ جيڏو آهي.

﴿7﴾ سُبحٰنَ المَلِكِ الخلَّاقِ، ﴿اِنْ يَّشَاْ يُذْهِبْكُمْ وَ يَاْتِ بِخَلْقٍ جَدِيْدٍ ﴿۱۹﴾ وَّ مَا ذٰلِكَ عَلَى اللّٰهِ بِعَزِيْزٍ ﴿۲۰﴾﴾ (پ 13 ابراهيم آيت 19، 20) جي ڪثرت ان ڪي يعني وسوسي جي پاڙ پٽي ڇڏيندي آهي (فتاويٰ رضويہ ج 1 ص 770)

(هن دعا ۾ شامل آيت ڪي اوهان جي معلومات جي لاءِ ڏنگين ۽ رسم الخط ۾ تبديلي جي ذريعي واضح ڪيو آهي)

﴿8﴾ مُفَسِّر شهير حڪيم الامت مفتي احمد يار خان علیہ رحمۃ الحنّان فرمائن ٿا: "صوفياءِ ڪرام رحمھم اللہ السلام فرمائن ٿا تہ جيڪو صبح ۽ شام ايڪويھ ايڪويھ ڀيرا "لاحول شريف" پاڻي تي دم ڪري پي ونو تہ ان شاءَ الله عزّوجلّ شيطاني وسوسن کان گهڻي حد تائين امن رهندو. (مرأة المناجيح ج 1 ص 87)

مُحیط دل پہ ہوا ہائے نفسِ اَمّارہ　　　دِماغ پر مرے ابلیس چھا گیا یاربّ

رِہائی مجھ کو ملے کاش! نفس و شیطاں سے

ترے حبیب کا دیتا ہوں واسِطہ یا ربّ

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب!　　　صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## جيڪڏهن وسوسا ڪنهن بہ صورت ۾ نہ وڃن تہ ...

جيڪڏهن وظيفن ۽ عملن جي ذريعي شيطاني وسوسن کان ڇوٽڪارو نہ ملي تہ گهٻرائڻ جي ضرورت ناهي، دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل ڪتاب "منهاج العابدين" ۾ حُجَّةُ الاسلام حضرت سيّدنا امام محمد بن محمد غزالي علیہ رحمۃ اللہ الوالي جيڪو ڪجھ فرمايو ان جو خلاصو آهي: جيڪڏهن

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہ وسلم :جنھن مون تي ڏهه ڀيرا صبح ۽ ڏهه ڀيرا شام درود پاڪ پڙهيو ته ان کي قيامت جي ڏينهن منهنجي شفاعت ملندي.

اوهان هي محسوس ڪيو ته شيطان اللّٰه عَزَّوَجَلَّ کان پناهه گهرڻ جي باوجود جان نٿو ڇڏي ۽ غالب اچڻ جي ڪوشش ۾ آهي ته ان جو مطلب هي آهي ته اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ڪي اوهان جي مجاهدي، قوت ۽ صبر جو امتحان مطلوب آهي، يعني اللّٰه عَزَّوَجَلَّ آزمائي پيو ته اوهان شيطان سان مقابلو ۽ جنگ ڪندا آهيو يا ان کان مَغلُوب ٿي (يعني هاري) ويندا آهيو. ڏسو نه! ان اسان تي ڪافر وغيره به ته مُسَلَّط ڪيا آهن، حالانڪ اهو هن ڳالهه تي يقيناً قادر آهي ته اسان جي جِهاد کان بغير ئي انهن جي شرارتن ۽ فِتنن کي ختم ڪري ڇڏي، پر اهو ائين ناهي ڪندو بلڪ ٻانهن کي انهن سان جِهاد ڪرڻ جو حڪم فرمايو آهي، ته جيئن آزمائي ڪنهن جي دل ۾ جهاد جو جذبو ۽ شهادت جي تڙپ آهي ۽ ڪير پوري خُلوص ۽ صَبر سان انهن جو مقابلو ڪري ٿو. اڳتي سيّدنا امام محمد بن محمد غزالي عليه رحمة الله الوالي وڌيڪ فرمائن ٿا: ائين شيطان جي مقابلي ۾ اسان کي به چستي ۽ پوري ڪوشش جو حڪم ڏنو ويو آهي، پوءِ اسان جا علماءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللهُ السَّلام فرمايو آهي ته شيطان جو مقابلو ڪرڻ ۽ ان تي قابو پائڻ جي لاءِ ٽي شيون ضروري آهن ﴿1﴾ توهان ان جا حيلا ۽ چالاڪيون معلوم ڪيو ۽ سڃاڻو، جڏهن ان جو علم هوندو ته پوءِ اهو توهان کي نقصان نه پهچائيندو، جيئن ته چور کي جڏهن خبر پئجي ويندي آهي ته گهر وارن کي منهنجي خبر پئجي وئي آهي ته اهو ڀڄندو آهي

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم: جيڪو مون تي هڪ ڀيرو درود پڙهندو آهي اللّٰه تعاليٰ ان جي لاءِ هڪ قيراط اجر لکندو آهي ۽ هڪ قيراط احد پهاڙ جيڏو آهي.

﴿2﴾ شيطان جي گمراهه ڪن ۽ گناهن ڀري دعوت هرگز قبول نه ڪيو توهان جو دل قطعاً ان جو اثر نه وٺي ۽ توهان ان جي مقابلي ڏانهن به توجهه نه ڏيو، ڇو ته ابليس هڪ ڀؤنڪندڙ ڪتي وانگر آهي، جيڪڏهن توهان ان کي تنگ ڪندا ته اهو وڏيڪ شور ڪندو ۽ جيڪڏهن اِعرَاض ڪندا (يعني ان جي وسوسن ڏانهن توجهه نه ڏيندا) ته اهو خاموش ٿي ويندو ﴿3﴾ ذڪر الٰهي جي ڪثرت ڪيو. (منهاج العابدين (عربي) ص 46)

## ذڪر سان شيطان جي تڪليف جي ڪيفيت

منقول آهي: شيطان جي لاءِ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جو ذڪر ايترو تڪليف ده آهي جيئن انسان جي پاسي تي تي آڪِلہ (منهاج العابدين (عربي) ص 46) آڪِلہ هڪ اهڙي بيماري آهي جيڪا انسان جي گوشت پوست (يعني سمورن عضون) کي متاثر ڪندي آهي ۽ جسم تان گوشت پاڻ ئي جدا ٿيڻ شروع ٿي ويندو آهي .

اِمتحاں کے کہاں قابل ہوں میں پیارے اللہ
بے سبب بخش دے مولیٰ ترا کیا جاتا ہے

اٰمِین بِجاہِ النَّبِیِّ الْاَمِین صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

**وسوسو:** ڪئي ڀيرا ذِڪرُاللّٰه ڪرڻ جي باوجود شيطان جا وسوسا نٿا وڃن، مثلاً نماز سڀ کان وڏو ذڪر آهي پر نماز ۾ ته تمام گهڻا وسوسا ايندا آهن، ايستائين وسريل ڳالهيون به شيطان ياد ڏياريندو آهي!

**وسوسي جو علاج:** بيشڪ ذڪر سان شيطان ڀڄندو آهي ۽ يقيناً

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم :جڏهن توهان مرسلين (عليهم السلام) تي درود شريف پڙهو تہ مون تي بہ پڙهو بيشڪ آءُ سيني جهانن جي ربّ جو رسول آهيان.

الله عَزَّوَجَلَّ دعا قبول فرمائيندو آهي جيئن قران پاڪ ۾ سورةُ المُؤمِن آيت نمبر 60 ۾ ارشاد آهي:

اُدۡعُوۡنِیۡۤ اَسۡتَجِبۡ لَکُمۡ

**ترجمو ڪنزالايمان:** مون کان دعا گهرو تہ مان قبول ڪندس

هن جي باوجود دعا جي قبوليت جا اثر ظاهر نہ ٿيندا آهن، خبر پئي تہ ذڪر سان شيطان ڪي ڀڄائڻ ۽ دعائون قبول ٿيڻ ۾ ڪجھ شرط موجود آهن جيئن دوائن جو معاملو آهي تہ پرهيزي نہ ڪري تہ دوا ڪم نہ ڏيڪاريندي مثلاً ڪنهن کي شوگر جو مرض آهي پوءِ بہ مٺائيون کائي تہ دوا ڪهڙو اثر ڪندي! لهٰذا ذڪر جي وسوسن کان نجات پائڻ ۽ شيطان کي ڀڄائڻ لاءِ گناهن کان پرهيز ضروري آهي جيڪڏهن تقويٰ نہ اپنايو تہ ذڪر نما دوا جو وسوسن جي مرض تي ڪارآمد ٿيڻ دشوار آهي! حُجَّةُ الاسلام حضرت سيدنا امام محمد بن محمد غزالي عليه رحمة الله الوالي فرمائن ٿا: شيطان بکايل ڪتي جيان آهي جيڪو توهان جي ويجهو ايندو آهي جيڪڏهن توهان ۽ ان جي وچ ۾ ماني يا گوشت نہ هجي تہ هُش ڪرڻ سان ڀڄي ويندو آهي يعني رڳو آواز سان ئي ان کي ڀڄائي سگهجي ٿو ۽ جيڪڏهن اوهان جي سامهون گوشت هجي ۽ اهو بکايل هجي تہ اهو گوشت تي پوندو آهي ۽ رڳو هُش ڪرڻ سان نہ ڀڄندو، بس جيڪا دل شيطان جي غذا کان خالي هجي تہ ان دل سان ذڪر ڪري شيطان کي ڀڄائي سگهجي ٿو، ۽ جڏهن دل تي شَهوَت جو غلبو هجي تہ دل

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم : توهان جتي بہ هجو مون تي درود پڙهو توهان جو درود مون وٽ پهچندو آهي.

جو اندريون حصو شيطان جي قابو ۾ هوندو ۽ ان وقت اهو ذڪر الله ڪي دل جي آس پاس ڦهلائي ڇڏي ٿو، پر جيستائين مُتَّقِي ماڻهن جي دلين جو معاملو آهي جيڪي نفساني خواهشن ۽ بري صفتن کان خالي هوندا آهن ان تي شيطان شهوتن جي ڪري نہ ٿو اچي بلڪ غفلت جي ڪري ذڪر سان خالي هجڻ جي باعث ايندو آهي جڏهن اهي ذڪر ڏانهن موٽندا آهن تہ اهو پري ڀڄي ويندو آهي (ملخص از احياءُ العلوم ج 3 ص 45) بهرحال جيڪو رات ڏينهن گناهن ۾ مشغول رهي اهڙو شخص چڻ تہ شيطان جو دوست آهي ۽ شيطان پنهنجي دوستن وٽان ايتري آساني سان ڪيئن ڀڄندو! سيپاري 17 سورةُ الحَج آيت نمبر 4 ۾ ارشاد آهي:

كُتِبَ عَلَيۡهِ اَنَّهٗ مَنۡ تَوَلَّاهُ فَاَنَّهٗ يُضِلُّهٗ وَيَهۡدِيۡهِ اِلٰى عَذَابِ السَّعِيۡرِ ۝٤

**ترجمو ڪنزالايمان:** جنهن تي لکيو ويو آهي تہ جيڪو ان سان دوستي ڪندو تہ هي ضرور ان کي گمراهہ ڪندو ۽ ان کي دوزخ جو رستو ٻڌائيندو .

حُجَّةُ الاسلام حضرت سيّدنا امام محمد بن محمد غزالي عليہ رحمة الله الوالي فرمائن ٿا: ذڪر جي حقيقت دل ۾ ان وقت جڳهہ وٺندي آهي جڏهن تقوي سان دل جي ذريعي آباد ڪيو وڃي ۽ ان کي برين صفتن کان پاڪ ڪيو وڃي نہ تہ صرف ذڪر زباني هوندو دل تي ان (يعني ذڪر) جي سلطنت ۽ قبضو قائم رهي نہ سگهندو لهٰذا اهو شيطان جي حڪومت کي پري نٿو ڪري سگهي وڌيڪ فرمائن ٿا: جيڪڏهن توهان شيطان کان بچڻ چاهيو ٿا تہ پهرين تقوي جي ذريعي پرهيزگاري اختيار ڪيو پوءِ ذڪر جي دوا

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہ وسلم : مون تي درود شريف جي ڪثرت ڪريو بيشڪ هي توهان جي لاءِ طهارت (يعني پاڪائي) آهي.

استِعمال ڪيو ائين شيطان توهان کان ڀڄي ويندو.

(احياءُ العلوم ج 3 ص 45، 47)

نفس و شیطان ہو گئے غالب ان کے چُنگل سے تُو چُھڑا یاربّ

کر کے توبہ میں پھر گناہوں میں ہو ہی جاتا ہوں مبتَلا یاربّ

نیم جاں کر دیا گناہوں نے

مرضِ عصیاں سے دے شفا یاربّ

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

**مدني گُل**

اي ڪاش! روزي ۾ ڪثرت جي محبت کان وڌيڪ اسان نيڪين ۾ برڪت جي حسرت ڪيون ۽ ان لاءِ ڪوورد پڻ ڪيون.

# ماخذ ۽ مراجع

| مطبوعہ | کتاب | مطبوعہ | کتاب |
|---|---|---|---|
| دار الکتب العلمیۃ بیروت | کشف الخفاء | دار الکتب العلمیۃ بیروت | تفسیر بغوی |
| دار الکتب العلمیۃ بیروت | مشکاۃ المصابیح | کوئٹہ | روح البیان |
| دار الفکر بیروت | مرقاۃ المفاتیح | دار الکتب العلمیۃ بیروت | صحیح بخاری |
| کوئٹہ | اشعۃ اللمعات | دار ابن حزم بیروت | صحیح مسلم |
| ضیاء القرآن پبلی کیشنز لاہور | مراٰۃ المناجیح | دار احیاء التراث العربی بیروت | سنن ابو داود |
| پشاور | طریقہ محمدیہ مع حدیقہ ندیہ | دار المعرفۃ بیروت | سنن ابن ماجہ |
| دار صادر بیروت | احیاء العلوم | دار احیاء التراث العربی بیروت | المعجم الکبیر |
| المکتب الاسلامی بیروت | فضل الصلاۃ علی النبی | دار الفکر بیروت | مسند امام احمد |
| رضا فاؤنڈیشن لاہور | فتاوٰی رضویہ | دار المعرفۃ بیروت | مؤطا امام مالک |
| مکتبۃ المدینہ باب المدینہ کراچی | بہارِ شریعت | دار الفکر بیروت | مجمع الزوائد |
| مکتبۃ المدینہ باب المدینہ کراچی | ملفوظات اعلیٰ حضرت | دار الکتب العلمیۃ بیروت | الاحسان بترتیب صحیح ابن حبان |
| مکتبۃ المدینہ باب المدینہ کراچی | منہاج العابدین | دار الفکر بیروت | مصنف ابن ابی شیبہ |

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم : جنهن ڪتاب ۾ مون تي درود شريف لکيو ته جيستائين منهنجو نالو ان ڪتاب ۾ لکيل رهندو فرشتا ان جي لاءِ استغفار ڪندا رهندا.

## فهرست


| عنوان | صفحو | عنوان | صفحو |
|---|---|---|---|
| دعاءِ قنوت ڪانپوءِ درود شريف پڙهڻ بهتر | 1 | شيطان کي چئي ڇڏيو: ”تون ڪوڙو آهين“ | 28 |
| وسوسي جي لفظي معنيٰ | 1 | مان ناقص منهنجو عمل ناقص | 28 |
| هر هڪ سان هڪ فرشتو ۽ هڪ شيطان هوندو آ | 3 | وچ مان بي وضو ئي نماز پڙهندس | 29 |
| همزاد ڇا کي چون ٿا | 4 | نماز ۾ وسوسا | 30 |
| آقا جن جو همزاد مسلمان ٿي ويو | 4 | نماز ۾ ايندڙ وسوسن کان بچڻ جو طريقو | 30 |
| سيني سان گڏ هڪ شيطان هوندو آهي | 5 | ٽڪ شيطان جي منهن ۾ پوندي | 31 |
| شيطان فارغ آهي تون مشغول | 5 | رڪعتن جي باري ۾ وسوسا | 32 |
| شيطان بدن ۾ خون جيان گردش ڪندو آهي | 6 | شيطان جي لاءِ ذلت ۽ خواري جو سبب | 33 |
| وڏيڪ ڪائڻ جا 6 تشويشناڪ نقصان | 6 | بزرگ شيطان کي نامراد موڪلي ڇڏيو | 34 |
| وسوسن جا جدا جدا انداز | 7 | وسوسي جو انوکو رد | 35 |
| اللہ عَزَّوَجَلَّ جي باري ۾ وسوسا | 9 | وسوسي ڏانهن ڌيان ئي نه ڏيو | 35 |
| هر سوال جو جواب نا هي ڏنو ويندو | 9 | طهارت جي باري ۾ وسوسا | 36 |
| وسوسي جو قراني علاج | 10 | جانورن جي اوبر جي باري ۾ مدني گل | 37 |
| امام رازي ۽ شيطان | 10 | گپ جي ذريعي وسوسي جو عجيب علاج | 39 |
| تقدير جي باري ۾ وسوسا | 12 | جيستائين معلوم نه هجي گپ پاڪ آهي | 40 |
| تقدير جي باري ۾ هڪ اهم فتويٰ | 13 | ٻار پاٽي ۾ هٿ وجهي ته؟ | 41 |
| تقدير جي باري ۾ وسوسي جو هڪ بهترين علاج | 14 | طلاق جي باري ۾ وسوسا | 41 |
| ايمانيات جي باري ۾ وسوسا | 16 | ڪو ڪارائي ته تحقيق نه ڪيو | 42 |
| خطرناڪ وسوسا | 17 | ڪائڻ جي باري ۾ تحقيق سبب گناهن جو | 42 |
| وسوسا معاف آهن | 17 | دروازو کلي سگهي ٿو | |
| وسوسي تي پڪڙ ڪڏهن آهي | 18 | شيطان جون ٻه قسمون | 44 |
| وسوسن جي ڪري ايمان نا هي ويندو | 18 | شيطان ماٺهو | 45 |
| وسوسن کي برو سمجهڻ عين ايمان آهي | 19 | وسوسن جو علاج | 48 |
| عبادت ۾ وسوسا | 19 | شيطان ڏيڏر جي شڪل ۾ | 48 |
| 9 شيطان جا نالا ۽ ڪم | 20 | سرڪار جي ڪا گهڙي ذڪرالله ڪان خالي | 48 |
| مسجدن ۾ وسوسا | 21 | نه هوندي هئي | |
| غسل ۾ وسوسا | 22 | شيطان جو ڳڙي ڪري جهرڪي جيان ٿيڻ | 49 |
| حديث پاڪ جي شرح | 23 | ذڪر ۽ وسوسن جي وچ ۾ جنگ | 49 |
| وسوسي جي تباهه ڪاري جي حڪايت | 24 | شيطان دل کي ڪڏهن گرهه ٺا هيندو آهي | 50 |
| وضو ۾ وسوسا | 25 | وسوسن تي توجه نه ڏيو | 51 |
| وضو ۾ وسوسو اچي ته ڇا ڪري؟ | 26 | وسوسن جا 8 علاج | 52 |
| نماز ۾ وضو ٽُٽڻ جا وسوسا | 27 | ذڪرسان شيطان جي تڪليف جي ڪيفيت | 55 |

